


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪينجھر ڪناري

(ڪھاڻيون)

## ليکڪ

رسول بخش درس

ميگھ پبلڪيشن

ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا پبلشر وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: ڪينجهر ڪناري
موضوع: ڪهاڻيون
ليکڪ: رسول بخش درس
ڪمپوزنگ: مجيب سنڌيلو
لي آئوٽ: صفدر خاصخيلي
ٽائيٽل: ڪپتان ابڙو
ڇاپو: پهريون
مهينو /سال: سيپٽمبر 2016
تعداد: هڪ هزار
ڇپائيندڙ: ميگهه پبلڪيشن ڪراچي
ڇاپيندڙ: سارنگ پبلشنگ هائوس ڪراچي
فون نمبر: 0302-2287352
قيمت: 200 رپيا
پرنٽنگ: عمار پرنٽرس ڪراچي

# سنَاءُ


- مهاڳ 06
- حال پريا نال 10
- ڪاڪ روئندي رهي 13
- هوءَ جا لهوءَ لار 30
- اسين لوچيون لوهه ۾ 32
- ڪينجهر ڪناري 38
- سهائيءَ جي سوجهه 44
- جيئان لوڪ لڄ ٽٽي 48
- وريا ٿا واهوندا 52
- اوسيئڙو 61
- لڪا ناهي لوڪ ۾ 64
- ماڻهو آيا ٿا دلڙيون ڌڙ جوڙين 68
- احساس جون سرحدون 72
- سچ سياڻي 78
- نيڻ پنل 82
- وهي وهامي راتڙي 86
- روح رتو چاڻ 91
- جيون رنگ رتول 97
- ڪاڪ ڪڙهي لوئو لڏاڻو 103


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- اونده ئي اونده 112
- آدرش ٽياس تي ٽنگيل 118
- منهنجو سارنگ 124
- ننڍ نگر جي آس ۾ 115
- رات آهي اماس 129
- ڪنجهر هندورو ٽئي 142
- مڙسي 146
- ساهن جي سُرهاڻ 151
- جاڙ نہ سهبي هاڻ 155
- مڙواڇي ماڳ تي 160
- سور ۽ پور 164


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

سنڌ سان عشق ڪندڙ قومي ڪارڪن، ڪهاڻيڪار ۽ هڪڙي پياري انسان سائين رسول بخش درس ڪي سچي سنڌ سڃاڻي ٿي. سندس زندگي جا ڪوڙ پاسا آهن. ڪينجهر جي اولهندي ڪناري جهمپير ۾ رهندڙ رسول بخش درس هڪ اهڙو مهمان نواز ۽ پيار ڏيندڙ انسان آهي، جنهن سان ملڻ ڪانپوءِ ڪنهن حساس ماڻهو جي وس ۾ ناهي رهندو جو ڪيس وساري سگهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس محبت ۾ اچي حسن درس" جڏهن جهمپير ۾ منهنجي جواني موٽ ڪائيندي" جهڙو شاندار نظم لکيو. سائين رسول بخش درس سنڌ جي اجتماعي شعور جي هڪڙي اهڙي جهلڪ آهي، جنهن جو اعتراف هر ماڻهو ڪندو. ميگهه پبليڪشن پاران سندس هي ڪهاڻين جو ڪتاب " ڪينجهر ڪناري" ڇپائي نه رڳو سرهائي ٿي رهي آهي پر پاڻ لاءِ هڪڙو اعزاز به سمجهون ٿا. هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ ميگهه پبلڪيشن جي روح روان ارباب احسان جون ڪوششون ۽ محنتون شامل آهن. جيڪو اسان کي ڪراچي کان جهمپير وٺي ويو. سائين رسول بخش درس سان نه رڳو ڪچهري ڪرايائين، پر سائين جون ڪهاڻيون ڏيئي ڇپائين مهيني اندر ڇپجڻ ڪپن. اميد ته هي ڪتاب اوهان کي پسند ايندو.

**دودو چانڊيو**

03002556288

email: dodochandio@yahoo.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

ها اها به اهڙي ئي چانڊوڪيءَ واري رات هئي جهڙي رات جو ذڪر رسول بخش درس پنهنجي ڪهاڻيءَ "ڪينجهر ڪناري" ۾ ڪيو آهي، اسان پائر اخلاق انصاري، آفاق انصاري، مان ۽ طارق عالم اهڙي چانڊوڪيءَ رات ۾ ڪينجهر ڪناري ڪچهري ڪئي هئي جڏهن ڪينجهر چانڊوڪيءَ جي ڪري سچي چاندي جي ٿي وئي هئي.

ان قصي ڪرڻ جو اصل مقصد اهو به هو ته رسول بخش درس جي ڪهاڻين ۾ ڪردارن، واقعن، لفظن، منظرن ۾ ڪا ڊاريائپ ناهي، هو اهي سڀ پنهنجي آسپاس جي ماحول مان ڪڍي ٿو انڪري ئي سندس ڪهاڻين ۾ ڪينجهر جهلندي نظر ايندي ته وري ڪٿي جهمپير، ته ڪٿي وري جهمپير ۾ سندس ڪمرو جيڪو مهمان خانو به آهي، نظر ايندو. اهڙي ريت سندس ٻوليءَ ۾ به ڪوهستاني چاشٽي نظر ايندي ته ڪردار به اهڙا هوندا جيڪي اوپرا نه لڳندا. مان سمجهان ٿو ته اها هڪ ليکڪ جي ڪاميابي به آهي ته ضروت به. ڇو جو ليکڪ جيڪو اهي سڀ شيون ٻين هنڌن جون ڪتب آڻي ٿو ته اتي ڪٿي ڪٿي جهول ۽ کوٽ به محسوس ٿيندي آهي، ڇو جو ڪا به ڪهاڻي ڪو به شعر ڇيل ته ڪنهن هڪ واقعي تي، هڪ مهل تي يا هڪ ڏينهن جي وارتا تي لکيل هجي پر ان جي ڪاميابي ۽ دلچسپي سان پيش ڪرڻ لاءِ سالن جو مشاهدو ۽ رياضت کپي ٿي.

رسول بخش درس جي هن ڪتاب ۾ ڪجهه اوائلي ڪهاڻيون به آهن ته وري نيون نڪور به. درس انهن ڪهاڻين کي نئين سر لکي ڇپائي به سگهي ٿو پر هن انهن پراڻين ڪهاڻين کي ان ئي نموني رهڻ ڏنو آهي. اها هڪ سچي ڪوشش آهي جو جيڪڏهن ڪو نقاد رسول بخش جي فن جو ڇيد ڪرڻ ويهي ته هن کي چڱيءَ ريت خبر پئجي ويندي ته فني طور رسول بخش درس جي آرٽ ۾ ڪيتري ارتقا ٿي آهي.

مون اڳ ۾ به ڪٿي لکيو آهي ته درس جي ڪهاڻين ۾ عورت جو ذڪر،

ان جي مجبوري، بيوسي ۽ ڏک پرڻي نموني ملنديءَ هن ڳنڍڪي ۽ اڙ ڪان وڏيڪ ڪهاڻي ۾ ته سڌي سنئين نموني سان ۽ ٻين ڪهاڻين ۾ اڻ سڌي طرح عورت جو ئي ذڪر آهي.

اهڙي ريت وري" هوءَ جا لهو لار" ۾ هڪ غريب ماءُ جو ذڪر آهي، جيڪا پنهنجي پٽ کي ڊاڪٽر کي ڏيکاري دوا وٺي آئي پر بس ۾ اها هارجي پئي ٿي ته هوءَ روئڻ لڳي ٿي، جنهن تي هيرو هن جو ڏک محسوس ڪندي جلدي ۾ هن جي لاءِ دوا وٺي اچي ٿو ماءُ خوش ٿي وڃي ٿي ۽ هو سوچي ٿو" ڇا هي معمولي مڪسچر، هن معصوم جو علاج آهي.

جيئان " لوڪ لڄ ٿئي" ۾ به هڪ ڪنواري عورت آهي جنهن کي پيٽ ٿي پئي ٿو ۽ ان ڇوڪري جي ماءُ ان ٻار کي ختم ڪرڻ چاهي ٿي جنهن تي اها ڪنواري ماءُ روئي رڙي ٿي پر جيئن ئي اها عورت اوندهه ۾ ٻار کي پاڻي ۾ ڦٽي ڪرڻ واري آهي ته هيرو جهڙپ هڻي ٻار جهٽي گهر آڻي ٿو ان کي اتي پنهنجي گهرواريءَ جي پرسان رکي ڇڏي ٿو جنهن ڪجهه گهڙيون اڳ هڪ مئل پٽ کي جنم ڏنو هو پنهنجي زال جي خواهش کي به ان نموني پورو ڪيو ۽ هڪ ٻار کي به بچائي ورتو.

" وريا واهوندا" ڪهاڻي ۾ هڪ ڀرپور عشق جي ڳالهه آهي، نيٺ هيرو ان کي پاڻ سان وٺي وڃڻ چاهي ٿو ۽ هڪ رات ملڻ جو انجام وٺي ٿو پر اتي هيرو کي نانگ ڏنگي وجهي ٿو جنهن تي هو سوچن ٿو سوچن ۾ پنهنجي پريمڪا کي چئي ٿو ته مون کي بيوفا نه سمجهجانءِ

" اوسيئڙي" ۾ به هڪ عورت کي "پئسي جي مجبوري آهي ۽ هوءَ ڌنڌو ڪري ٿي، جنهن تي هيرو کي ڪاوڙ اچي ٿي ڇو جو هو به ان عورت جو دوست آهي پر جڏهن هو لڪي عورت جون ڳالهيون ٻڌي ٿو جيڪي هن ٻئي مرد سان ملڻ وقت ڪيون ته ڪاوڙجي وڃي ٿو پر عورت ڪيس ٻڌائي ٿي ته گهر هلائڻ لاءِ ڪيس پيسي جي ضرورت رهي ٿي، اهو مرد به ٻن ٽن هفتن کان نه آيو هو جيڪو ڪيس بدلي ۾ پئسا ڏيندو هو ۽ ٻار به بکيا هئا. هيرو دلگير ٿيڃي پئي ٿو ۽ پئسا ڪڍي عورت کي ڏي ٿو ۽ ويندي ويندي ڪيس چئي ٿو " آءُ هر هفتي ايندس منهنجي پيڻ تون منهنجو اوسيئڙو ڪجان."

اهڙي ئي ڪيفيت "لڪا ناهي لوڪ" ۾ به آهي جنهن ۾ هيرو کي به پيسا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهن سندس ڪيسي ۾ اٺ آنا آهن. جنهنجي لاءِ سوچي ٿو تہ ٻارن لاءِ شيءِ وٺندس ۽ پنهنجي لاءِ گوريون پر سامهون هڪ فقيرياڻي کي ڏسي اٺ آنا ان کي ڏئي پنهنجي لاءِ خوشي خريد ڪري ٿو.

غربت جي اهڙي ئي منظر نگاري اسان کي "ماڻهو اياڻا دليون نہ جوڙين" ۾ ملن ٿيون جنهن ۾ پنهنجي پيڻ جي ٻار جي لاءِ دوا جا پيسا نہ هجڻ ڪري پريشان ٿئي ٿو پر ڪيئن نہ ڪيئن ڪري پيسا هٿ ڪري دوا وٺي پيڻ جي گهر ۾ داخل ٿئي ٿو تہ اهو ٻار گذاري چڪو آهي.

ان کان سواءِ "احساس جون سرحون"، "سچ سياڻي ايرندو"، ۽ "وئي وهامي راتڙي" ۾ عورت سان لاڳاپيل موضوع آهن.

رسول بخش درس جي انهن ڪهاڻين ۾ غربت، عشق ۽ عورت جي مجبوري نظر اچي ٿي تہ وري ڪجهہ ڪهاڻين ۾ جيڪي مان سمجهان ٿو تہ اسي واري ڏهاڪي جون آهن اُهي قومپرستي، انقلاب، طبقاتي اڻبرابري ۽ بيروزگاريءَ تي لکيل آهن. جن ۾ "اسين لوچيون لوهہ ۾"، "بنديخانو" ۽ پنل نيڻ شامل آهن.

مون جيئن اڳ بہ ذڪر ڪيو تہ رسول بخش درس ڪهاڻي جو مواد پنهنجي آسپاس جي ماحول مان کڻي ٿو اهڙي ئي نموني سندس هڪ ڪهاڻي "روح رتو چاڻ" اسان جي سهڻي سنڌ ۾ اغوا ۽ پنگ جي بدلي ۾ واپسي واري واقعي تي بہ لکي آهي پر ان جي ٽريٽمينٽ ڏاڍي سٺي آهي. چاڪاڻ جو اغوا ٿيل ڇوڪرڙي جي ماءُ فون تي ڌاڙيل سان بہ "ابا، پٽ ڪري ٿي ڳالهائي جنهن تي هڪ ڌاڙيل جي دل ۾ رحم اچي ٿو ۽ هو پنهنجي سر ڇوڪرڙي کي وٺي اچي ڳوٺ پهچائي ٿو ۽ عورت کي پنگ جي لاءِ کڻي آيل پيسا بہ واپس ڪري ٿو ۽ ڪيس اجرڪ بہ اوڍائي ٿو پر جيئن ئي موٽي ٿو تہ پوليس مقابلي ۾ مارجي وڃي ٿو تہ اهو ٻڌي اها عورت بہ مري وڃي ٿي. احساسن سان ڀريل هڪ ڀرپور ڪهاڻي آهي.

اهڙي ريت اڄڪلهہ ڪراچي ۾ ٽيندڙ قتلن تي بہ ڪهاڻي "اوندهہ ئي اوندهہ" لکيل آهي تہ وري دهشتگردن طرفان مسجدن ۽ ٻين پبلڪ هنڌن تي ٿيندڙ ڌماڪن تي ڪهاڻي "آدرش ٽياس تي ٽنگيل" لکيل آهي.

ان کان سواءِ حسن درس جي موت تي جيڪو ڏک ليکڪ کي پهتو آهي

ان کي پنهنجي ڪهاڻي "منهنجو سارنگ" ۾ چٽيو آهي.

انهن سڀني ڪهاڻين کي پڙهي اهو احساس ضرور ٿيو ته ليکڪ پنهنجي آسپاس کان اڻڄاڻ ناهي، هن جون نگاهون معاشري جي هر ڏکندڙ مسئلي طرف آهن. نه رڳو اهو سڀ ڪجهه ڏسي سگهي ٿو پر انهن کي ڀرپور نموني ظاهر به ڪري ٿو جيڪو مان سمجهان ٿو ته ليکڪ جون اولين فرض به آهي ۽ رسول بخش درس اهو فرض سهڻي نموني نڀايو آهي.

اسحاق انصاري

ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حال پريان نال

سنڌي ڪهاڻي اڄ به لکجي پئي، ڪئين نوان لکندڙ ميدان ۾ آيا آهن. ڪجهه وقت اڳ سنڌي ڪهاڻي تي وڏو بحث هلندو رهيو ڪو چئي سنڌي ڪهاڻي مري وئي آهي ڪو چئي سنڌي ڪهاڻي کي گولي لڳي ويئي آهي مختلف رايا گشت ڪري رهيا هئا اسان جا پراڻا ڪهاڻيڪار جن ڪهاڻي لکڻ ته ڇا پر پڙهڻ جي به تڪليف نه ٿي ڪئي ۽ پنهنجي پر ۾ ڪهاڻي کي گهٽو ڏيئي اهو تاثر ڏيڻ لڳا ته ڪهاڻي صرف اسان جي باقي ته ڇٽ چاموٽ مڙيئي ٽا ڦوڙا پيا هڻن. ڪي قدرايئن به هو جو ڳاڻيٽي جي لحاظ کان تمام گهٽيون ڪهاڻيون اهڙيون به ڇپجي رهيون هيون جن کي ڪهاڻي مڃڻ واقعي مشڪل آهي، ان جو ڪارڻ سهٽي، روح رهاڻ، نئين زندگي جهڙن رسالن جا ايڊيٽر نه هئڻ به وڏو ڪارڻ آهي. طارق اشرف جهڙا ايڊيٽر هجن ته ڪهاڻي جي چنڊ ڇاڻ ۽ معيار نظر ۾ ضرور رکيو وڃي ها. ياري باشي، ذاتي پسند نا پسند جي بنياد تي دوستيون نڀايون وڃن ته جيڪي واقعي ڪهاڻيون لکيون پئي ويون اهي به گند جي ڍير ۾ دٻجي ويون. تمام سٺيون ڪهاڻيون به لکيون ويون پر انهن رڏون سپ ٻوٽ ڪارين جي مصداق ڪهاڻي مارڪائي ويئي.

ايتري ۾ انيس اڪيڊمي ڪهاڻي ڪانفرنس ڪوٺائي سنڌ جي 50 نوجوان ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون ڇنڊ ڇاڻ لاءِ گهرايون ۽ جج مقرر ڪري ڪهاڻيڪارن جي نالن کانسواءِ ڪهاڻي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرائي.

ڪراچي يونيورسٽي ۾ تمام عاليشان ڪانفرنس تي 50 مان ٽن ڪهاڻين کي ججن وڏيڪ مناسب سمجهيو الڳ الڳ مارڪون ڏنيون. اتي امر جليل تمام ڀرپور خطاب ڪيو ۽ واضح ڪيو ته اڄ ثابت ٿيو آهي ته ڪهاڻي مُئي آهي نه گولي لڳي اٿس پر اها پنهنجي تسلسل کي برقرار

رڪندي سفر جاري رکندي اچي. جيستائين هڪ سنڌي زنده آهي ڪهاڻي زنده رهندي، وري ان تي ڪي دانشور ڪاوڙجي پيا. ٻئي سال وري به انيس اڪيڊمي حيدرآباد ۾ ٻيون ڪهاڻيون ڇٽا پيٽي لاءِ گهرائي ڪهاڻي ڪانفرنس ڪرائي اتي غلام نبي مغل تمام مثبت راءِ ڏني ته اسان به غلط فهمي ۾ هئاسين ته ڪهاڻي سنڌي ۾ نه پئي لکجي پر اڄ نوجوانن جون ڪهاڻيون پڙهي مون کي خوشي ٿي آهي ته سنڌي ڪهاڻي اڃا پنهنجو خوبصورت سفر جاري رکيو اچي ۽ پراڻا دوست سنڌي ڪهاڻي پڙهن ڪونه ٿا ان ڪري صحيح راءِ نه ٿي اچي ان ڪان به وڏيڪ تمام ڏکوئيندڙ الميو اهو ته مختلف ڪهاڻي ڪتابن تي جيڪي به جج مقرر ٿيا انهن رياڪاري جي حد ڪري ڇڏي، ڪن ڪتابن کي اسڪاچ جي بوتلن تي تمام خوشحال، ڪامورن کي پيچ ٻڌي مهري ڪيو اهڙا مثال قائم ڪيا ويا جو ڇگن موچارن ڪهاڻيڪارن جو لکڻ تارن روح ڪڇي ويو.

بهرحال تخليقڪار ان لاءِ نه لکندو آهي ته ڪيس سرڪاري ۽ خوشامدي ڏرين طرفان ڪي ايوارڊ يا تمغا ملن.

ڪهاڻي بلڪل پنهنجو سفر جاري رکيو اچي البت ڪن مخصوص ذهنيت رکندڙ نقادن ۽ ايڊيٽرن وٽ صرف چند بڪ ٿيل ڪهاڻيڪار آهن ۽ ڪهاڻي جو سج لهي ايري انهن تي ٿو باقي ٿيو خير.

پيو ته ڪراچي جا دانشور ڪهاڻي تي لکندا ته رڳو ڪراچي جي دوستن کي وڏو ڪهاڻيڪار ڄاڻائيندا، لاڙڪاڻي وارا لکندا ته رڳو لاڙڪاڻي جي دوستن کي مها ڪهاڻيڪار ڄاڻائيندا. هڪ همراهه ڪهاڻي تي مقالو پيو لکي ۽ پڇي مون کان پيو اڄڪلهه ڪهڙا دوست سٺي ڪهاڻي پيا لکن؟

مون کي کل اچي ويئي مون چيس تون شاعر ماڻهو ڪهاڻي سان ڪهڙو انصاف ڪندين. پوءِ ڇپيل ڪهاڻيون پڙهي پوءِ پنهنجي راءِ ڏي نه؟.

پر همراهه هِن هُن کان پڇي ڇٹن پنجن ڪهاڻيڪارن کي عظيم ڪهاڻيڪار ڄاڻائي مقالو پڙهي ويو. اڄ به ڪهاڻيون اخلاق انصاري، طارق عالم، لياقت رضوي، امر لغاري، منور سراج، ممتاز لوهار، ذوالفقار ڪانڌڙو محمد صديق منگيو ۽ ٻيا ڪافي دوست ڀليون لکي رهيا آهن. ڪهاڻي لکجي پئي، سٺا ايڊيٽر ۽ سٺا نقاد اڻ لڀ آهن انڪري اسانجا پراڻا ليکڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڻ."

اتي تہ پئي پاسي منهن ڪري اکيون اُگهيائين" اڙي هي ڇا تنهنجي اکين ۾ پاڻي! ڇا ٿيو! تون تہ روئين پئي."

ٿانو ڪٽي گهر ۾ گهڙي ويئي، مون کي اُڻ تڻ ٿي پئي پرائو گهر ڪو ڏسي تہ نوجوان نينگر روئي ڇو پئي؟ پڪي ڏسندي تہ ڇا سمجهندي، دل جهلي اندر گهڙيس، سڏڪا پري رهي هئي.

"سئوڻ ڇو پيلا روئين ڇو ٿي؟ ڪير اچي وڃي تہ ڇا سمجهندو"

"تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟ تنهنجو ڪو مٽ مائٽ. آئون ڇاڻان منهنجو ڪم، تون تہ پڪين ڪي گڏجڻ آيو آهين، پيا مرن بچن تنهنجو ڇا؟"

"اڙي بابا مون پوڳ پئي ڪيا. توکي وساري ڪيئن سگهندس، پڪي تہ پہ ٿي پيرا اسان وٽان ٿي ويئي هئي، آئون تہ پنهنجي سنگهار ننڍپڻ جي ساٿياڻي سان ملڻ آيو هوس. مون کي ننڍپڻ جون پياريون يادگيريون تہ چڪي آيون آهن. قرآن!"

"چڏ ڪوڙا! اوهين جبل جا ماڻهو اوهان جون دليون بہ پٿر ٿي ويون آهن."

"پلا ڪهڙو قسم کڻان! ڏس آئون رڳو توسان ملڻ آيو آهيان. چيم ڏسان تہ سنگهار ڪيڏي ٿي آهي!، ڪيئن ٿي لڳي؟ مونکي ياد ڪري ٿي يا وساري ڇڏيائين؟"

"ها تڏهن تڪڙو ور ڪيو اٿئي. توکي خبر آهي مون هر پهر هر پل توکي ساريو آهي."

"پوءِ پلا ڇو چيئي تہ ڏينهن ويا وسري؟"

مون تہ توکي آزمايو پئي پر منهنجي دل ڪان پڇ تہ اهي ڏهہ ڏينهن ڏهہ حياتيون ملن تہ بہ ڪونہ وسرندا."

مون سندس هٿ جهلي چيو" ڏس هاڻ پاڻ ٻار ناهيون. وڏا ٿي ويا آهيون، زماني سان گڏ هلڻو آهي. باقي مون لاءِ تون ساڳي سنگهار آهين. توکي جڏهن وساريم منهنجو پساهہ پنهنجو نہ هوندو. پوءِ مون کي جيئرو لاش سمجهجان. چڱو هاڻ سڏي ٿي ڪير اچي وڃي تہ! پڪي اچڻ واري هوندي."

ٻاهر نڪري ڪٽ تي ليٽي اجرڪ پيرن ۾ هٽي سوچڻ لڳس. ايتري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي“

” چريا هٿ ته پير مرشد جا چمبا آهن؟“

” نه پوءِ تون ڪنهن مرشد جو هٿ چميو آهي؟

” اسان جا مرشد گهڻا ورهيه بابا ڪاوڙائي ڇڏيا، اڄ نه ئي ڪو نه باقي ماڙهو چون ٿا“.

” چري پيار ۾ پير مريد شاهه شهنشاهه سڀ ڪجهه رڳو پيار هوندا آهن.“

ڇا پيو چوين؟ تپ مٿي تي ته ڪونه چڙهي ويو اٿئي؟“

” تپ ويچارو ٻن دلين جو ميلاپ ڏسي پڇي پيو هاڻ ته نس نس ۾ نينهن جو نشو چڙهيل آهي.“

” هٿ ڇڏ ته زور ڏيئين“ آهستي آهستي زور ڏيڻ لڳي.

” يلا اوهان وٽ پيو ڪو ڪونه اچي ڇا؟“

” اسان وارا چاچا رتل آهن. باقي ڪو سيال ياءُ ڪم ڪار سان اچي ته واءُ نه ته بس.“

” پوءِ تون اڪيلي ڪيئن ٿي گذارين؟“

” اڪيلي ڪو ڊڄان ٿي ڇا؟ اوهين شهري ماڙهو آهيو ئي ڊڄڻا .. ها....ها....

” نه پر اڪيلو ماڻهو نه ڪو ڳالهائي نه ٻولهائي، ٿڪي پوندو ماڻهو اڪيلائي به عذاب آهي“

ٿڌو ساهه ڀريندي“ پر .. پر تنهنجي سار ته گڏ هوندي آهي پوءِ ان اڳيان رڳو تون ڦرندو آهين ۽ تون ساڻ هئين.“

” سنگهار سچي ٻڌاءِ توکي ايڏو ياد ايندو هئس، پر اهي ته ٻاراڻيون ڳالهيون هيون، هاڻ ته پنهنجو قرب يا پنهنجائپ ٻي صورت وٺي ويا آهن.“

مون پيو ڪجهه دل ۾ سوچيو ناهي، ڪنهن کي دل ۾ جاءِ ئي ڪونه ڏني آهي، مون کي ننڍڙي هوندي وارو انجام ياد آهي؟“

هڻ پيٽان.... اهو قول ياد اٿئي؟“

” گڏ جيئڻ گڏ مرڻ جا قول وسري به سگهن ٿا؟ انهن ٻاراڻن ٻولن ته ٻڌي ڇڏيو آهي، ٻول ئي جيئڻ جو ثمر هئا.“

” سنگهار توکي شاباس آهي جو ٻاراڻا ٻول به قائم رکيو اچين جي تون

ڳوٺ روانو ٿيس.

پوءِ ساڳيو زندگي جي وهنوار سان ڇهتل هئس، ڪنهن مهل دل ڪي سٽ ايندي هئي، خيالن جي اسڪرين تي سنگهار اُڀري ايندي هئي: سندس ساروڻيون ساري لڙڪ لڙي ايندا هئا، ڪئين وسوسا ۽ وهم وڪوڙي ويندا هئا، حال به ڪنهن سان اورجن، سنگهار به روايتي سنڌي عورت وانگر ياڳ سياڳ تي پاڙي ويٺي. مون کي هر ڏينهن ورهين جو پاسڻ لڳو لٽل منهن ڏسي مائٽن کي به ڳڻتي اچي ورايو ڇاڇا بس ۾ ويهاري چيو "لڪمير پٽ سر ۾ ڪو نه آهين! جيڪا به ڳالهه هجي چئي ڏيندو وڃ، پلا توکان سواءِ آهي به ڪير بابلا، پڻ شادين مان به پٽ نه ٿيو اهي نياٽيون آهن سي ته هونئن ته زنانو لڏو باقي انڏن اڳيان لٺ تون ئي آهين، پٽ ڪو مسئلو هجي ته چئي ڏيندو وڃ، آئون ڇا لاءِ ويٺو آهيان ڪنهن به ڳالهه جو خيال نه ڪجان پر يار منهن تي مرڪ آڻي ملندو وڃ."

امان به چنبڙي پئي "بابلا توکي کهڙو ته ڏک آهي، رب سڀ ڪجهه ڏنو آهي، ڇاڇو ويچارو به تولاءِ پريشان آهي. تون لک ڦتائين به توکي ڪري ڪو نه چوندو."

مون سيني کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته آئون بلڪل ٺيڪ آهيان، ايتري ۾ نتيجو به نڪتو وڃي ڪاليج پيرا ٿياسين، هاسٽل ۾ دوست به شڪايتون ڪرڻ لڳا ته "لڪمير توجهڙو کل پوڳ وارو ماڻهو ايڏو اُداس؟"

انهيءَ گهاٽي مان لنگهندي مهينو گذري ويو ڳوٺ آيس امان ڳالهين جون ڳوٽيون پري اچي ويٺي، دنيا جهان تان ڦرندي آئي ڳالهه پر "پي ڳالهه پڌئي پڦئين ۽ جانو آيا هئا، تولاءِ ڏاڍو پڇيائون."

"آئون خوف جي وير ۾ لڙهڻ لڳس" سو ڪيئن؟"

"ننڍي سوٽهين جي شادي جي دعوت ڏيڻ، پنهنجا پاڻ ۾ ٺهي ويا. سنگهار جو سڱ ڇاڇهينس جن کي ڏنائون ننڍي پاءُ لاءِ، بدو ملين ڪير ڪنڌ تي ويا ايندڙ جمعي رات شادي آهي پر توکي وڃڻو پوندو."

پگهر مان شم تي ويس، دل ڪرڙي جو ميدان تي پيئي، اکين ۾ دوزخ ٻري پيو اندران اندر پسم تي ويس، امان پنيٺ پڙڪائي هلي ويئي، نس نس ۾ سرنگ پريل هئي، "سنگهار اڃا به آيس اٿئي ياڳ سياڳ ٿيڻ جي، تو پيار

جي نڙي تي ننهن ڏيئي ڪوڙي پرم کي برقرار رکيو.

امان اچي ڏونڏاڙيو" هل پٽ تڙ ڪر تہ پوءِ ڪچهري ڪريون ٿا" پل پل سورن جو سامان ڪٺي آيو من جو محل ڊهي ڍڙو ٿي پيو. گونگيون دانهون، گونگا لڙڪ وهي اکين ۾ جمي ٿي پيا.

موٽي ڪاليج آيس، يادن جي پنيي پر سوري آ، تصور جي پکي پر هنيا. هينئون وچي هُٽ رسيو. سپنن جي سنسار ۾ سنگهار ڏيکائي ڏني. گهر جي ڪنڊ ۾ اکيون ٻڏيون ويٺي آهي، آئلي مان بہ ماٺڪون هر ايندڙ ويندڙ ڏانهن اُتاوليون ٿي ڏسن ٿيون، ڪنهن جي اوسيئڙي آهن. سندس پيرن ۾ ڪوڙي لچ جو لوهہ جڙيل آهي، ريتن جا رکوالا ڪهاڙيون ڪنيو بيٺا آهن. رسمن جا رسا چوڌاري ويڙهيل اٿس. چرڻ ڪان چٽ آهي، بدن تي نيهرن جا ڊيا آهن. اباڻڪيون اکيون اوسيئڙي ۾ اُسڙڪي نست ٿي پيون آهن.

پر آئون هاڻي ڪيس وساري ڇڏيندس، منهنجي ڳالهہ مڃي ها تہ... هوءَ بزدل آهي، بي حس آهي، گوشت جو گڏو آهي، پلي ڳجهون پٽنس، تڙپندي لچندي پر ڪچندي يا نہ. ريتن رسمن جي آگ ۾ پاڻ سان گڏ مون کي بہ ٻاري ڇڏيندي، رک ڪري ڇڏيندي،"

پوءِ ڪيئن راتيون ڏينهن نپ ڏيئي لنگهي ويا، لچندي تڙپندي دل تي مدد خان وارا گهوڙا ڊوڙي ويندا هئا سورن جو سهڻ جو عادي ٿي ويس پر پل پهر بہ سنگهار کي وساري نہ سگهيس.

هڪ ڏينهن چاچا گهرائي چيو" پٽ منهنجي نياڻي بہ لائق ويٺي آهي، اها ڳالهہ تهي ڪا نہ ٿي، گهر جي ڳالهہ آهي بار لاهڻو آهي، تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

آئون ڪو جواب نہ ڏئي سگهيو هوس، جواب ڏيڻ لاءِ رهيو ئي ڇا هو. منهنجي ماٺ کي چاچي رضامندي سمجهي تياريون شروع ڪيون.

شادي جي وقت ڳوٺ جون مايون سانٽ سنوڻ لاءِ وٺڻ آيون. " آئي گهوٽ کي پلاند ڪهڙي ڏيندي؟" امان رڙ ڪري چيو" اي امان گهوٽ کي پلاند سندس سئوٽ سنگهار ڏيندي، امان سنگهار هلي اچ پاءِ کي پلاند ڏي"

سنگهار جي نالي منهنجي سرندي جون سڀ تارون ڇيڙي ڇڏيون، هن پوتي ورائي مون کي پلاند ڏنو پانهن ڪلهي تي رکي هلڻ لڳي، مون پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي ڏکويو آهي."

" نہ ائين نہ سنگهار رڳو پاڻ سان ٿيو آهي ڇا؟ هتي ائين ٿيندو رهندو آهي، ڪئين جوانيون روز تڙپنديون تڳنديون آهن. رسمن جي رڇن ۾ لڇنديون آهن، ريتن جي رڍن ۾ رلي وينديون آهن. سندن سڙي ڪامي ويندي آهي پر ڇڏ انهن ڳالهين کي پلا ٻڌاءِ اولاد ڪهڙو ٿيئي."

" هڪڙو پٽ آهي، سوئي جيئڻ جو جيئندان آهي، وٺي آئي آهيانس، هينئر سمهي پيو آهي."

" سنگهار انجام ڪر تہ تون هر انجام کي نہ ٽوڙيندين؟ بس آخري وچن ڪري ڇڏ تہ تون پنهنجي اولاد جي نس نس ۾ پنهنجي پيار جي پلاند وٺڻ لاءِ ڪڏين ريتن، رسمن، مدي خارج لاڙن خلاف بغاوت جو ٻارڻ ٻاري ڇڏجان. سندس جذبن ۽ احساسن کي پراڻي گندي سماج دوزخ جي جيرن ۾ چرڪڻ نہ ڏجان. جيئن وڏي هوندي هو اسان وانگر لڇي لڇي زندگي نہ گهارين. اهيو اسان تي فرض آهي تہ اسان ايندڙ نسلن کي بچائي وٺون."

" مون کي اهي سڀ ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ ٿيون اچن پر آئون....."

دهلن ۽ شرنائين جي گوڙ ۾ مون کي ڇٽي ڏانهن وٺي هلڻ لڳا.

صبح جو لانون مهل هوءَ ڪنوار جي پير ۾ ويٺي هئي، مون کي سهرن جي لڙين مان ليئو پائي ڏٺو تہ سندس منهن جيڪو سدائين ٻهڪندو هو تنهن تي هيٺ هاريل هئي، جتي ملهار جي مند بکندي هئي، فطري لالڻ بکندي هئي پر اڄ مياڻي جو ميدان جي هو جنهن کي ڪنهن ڌارئي لشڪر لتاڙيو هجي، مون نيڻ جهڪائي ڇڏيا.

ٻئي ڏينهن سيني چاچين موڪلايو اسٽيشن تي موڪلائڻ مهل گاڏي اچي بيٺي سڀ چڙهي ويٺا سنگهار دريءَ تان اجرڪ اوڙهي اچي ويٺي. پڪي مون کي سڏي اچي نرڙ تي چمي ڏني ۽ دعائون ڪرڻ لڳي، ڏٺم سنگهار جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. ننڍڙو ٻارڙو ڪڇ ۾ هيس.

اجرڪ جو پلاند ورائي اکيون اگهيائين. گاڏي ڇٽي منهنجو روح بہ گاڏي سان رڙهڻ لڳو جيئن گاڏي پري ٿيندي ويئي اوراهہ اوڏانهن تاڻڻ لڳو. گاڏي پري ٿيندي وئي تمام پري ٿيندي وئي، ڪوهين ڏور پرڪو پيڙا جو پڙلاءُ هميشہ لاءِ ڇڏي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هوءَ جا لهوءَ لار

تتل ڏينهن_اهڙي نتهڻ اُس ۾ بس جو انتظار منٽ بہ سال برابر. برجا راڻي وارا ماڻا. مسافر مٺي مومل مثل راڻي جي راهہ ۾ اکيون اٽڪايو ويٺا آهن. ڀهراڙي جي مسڪين ماڻهن لاءِ بسون بہ مسڪين.

مسافر شهر جو ڪم ڪار لاهيو ٻارن ٻچن لاءِ شيءِ ڏول وٺيو ويٺا آهن پر بس مجال آهي! جو منهن ڪڍي. شهر ۾ سکر بہ ڪيڏن ايندو. ڪيسي ۾ پورا سورا ڏوڪڙ. سي بيڙي تماڪ ڪري چڏيائون. شهر ۾ رکيل قسمين شين جي حسرت پريل نيڻن سان ڏسيو دل ۾ ڪيئي خيال پيدا ٿيو پون. ڪو چڱو ڪپڙو ڏسي ڳوٺاڻي جي دل نڪري ويندي، "منهنجي دريا خان کي ڏاڍو ٺهندو."

ڪو رنگين چولو ڏسي"هي منهنجي مومل لاءِ نہ وٺي وڃان ڪو رانديڪو ڏسي"الا ڏوڪڙ هجن ٿا تہ رمونءِ لاءِ وٺان ها" پر ڪيسي جو حال ڏسي منهن ڦريو وڃين. هزارين حسرتن جو قتلام ڪريو. سوين خواهشن ۽ جذبن کي گهٽيو پريءَ بازار ۾ هٿين خالي ڳوٺ موٽن!!!

بس بہ پنهنجي سريلي ساز آواز سان ظاهر ٿي، وٺ وٺان. ٻچ ٻوڙ جڳهہ والارڻ لاءِ جاکوڙ زور وارا ويهو رهن. هيٺا ڪلها هٽي پڇن ئي مس تہ سيٽون فل، رش جو ويل، پڪر پوساٽ.سفيد پوشي سبب مونکي عزت سان اسٽاف سيٽ ملي،ڦاٽل ڪپڙن وارا هيسيل گهوري ڏسڻ لڳا. ڪو وڏيو ٿي تہ ڊرائيور جي دڙڪي سان موٽي پي ويو.

"اڙي پيٽان ڇٽ جا پٽ، سڄي بس ڇڏي اسٽاف سيٽ تي ٿا مرو. عورتن جو تہ خيال ڪريو وڃي پنيان مرو"

"ايرن ڪپڙن وارن ڪان عورتن کي پرهيز باقي مون لاءِ ڪو حجاب نہ. جي مون کي اڇا ڪپڙا نہ هجن تہ حالت ساڳي ئي هجي ها. اندر بس ۾ هُل،

جڳهين تان جهيڙو جڻ سڄي عمر اتي ويٺو آهي، اسان ڪجھ دير جي سفر لاءِ سڀ ليڪا لتاڙي ويون، عورتن ۽ مردن ۾ جنڊا پٽ لڳي پيئي آهي اڏروت عورت ٻار ڪڇ ۾ ڪري اڇي ٽول باڪس تي ويهي رهي، ڦاٽل ڪنجرو منهن ڏرا ڏنل، سوسيءَ جي سٿڻ ڪي مختلف چتيون لڳل، مٽي تي اڇي رنگ جي ميري گندي پاٽل ٻار ۾ اڪيون ڪتل جو ستو پيو آهي ماءُ جون اکيون سندس هئين جي هنڪي ۾. هيٺ جهڪي ڳولڻ لڳي، اوچتو منهن جو پنوئي لهي ويس، نيڻن مان نير وهي هليا. سڏڪا پري ٻار کي چاتي سان لائي چڏيائين. سندس ڏکيائي ڪيفيت مون کي بہ بيچين ڪري وڌو پڇانس ڪهڙي ويڌن آهيس، آءُ ڪهڙي مدد ڪري سگهانس.... ها ضرور پڇندس،

”امان جيجي ڇا آهي، ڇو ايڏو پريشان آهين؟“

مون سان ڳالهائڻ ۾ هٻڪ محسوس پئي ڪري، آخر ڏارئين ماٺهو سان ڪيئن حال اوري، مون کان وري بہ رهيو نہ ٿيو.

”جيجي تون ٻڌاءِ تہ سهي ڪهڙي تڪليف اٿيئي“

ڪائنس ڊڪ نڪري ويئي، ”ادا مون مٿي سان ويل ٿي ويو...

ٻچو بيمار ٿي پيو، پورو مهينو ٿيندو اوليا پير سڀ پيٺيم نفعو ڪو نہ هيو هجيس پيءُ جيئرو تہ آئون هيئن لڪن نہ لڳان...اڄ پاڙي مان چار ڏوڪڙ اڌاري ڊاڪٽر وٽ ڪٽي آيس، پر ڊاڪٽرن کي ڪپن ڪڳہ مڙي هي دوا ڏنائين، ٻنجي ڊلي هئي، ڪو پير لڳي ويس، منهنجي ٻچي جي سڀ دوا هارجي ويئي،“ ۽ وري بہ سڏڪڻ ۾ شروع......

بس ٻ هلڻ واري هئي، مون کان رڙ نڪتي ”استاد بہ منٽ ترس“ منهنجي سفيد پوشي بريڪ جو ڪم ڪيو.

”مائي اها شيشي مون کي ڏي ڪهڙي ڊاڪٽر کان دوا ورتي اٿيئي.“

ڊاڪٽر جو بورڊ سامهون ڏسڻ ۾ پئي آيو نمبر ڏيکاري دوا وٺي موٽيس، مائي جون اکيون شيشي جون منتظر هيون، دوا هٿ ۾ ايندي منهن تان ويا ڪلتا اڏامي ويئي.

جڻ ٻار جو پساهہ ئي ان شيشي ۾ آهي.

هيٺ پڪڙيل مڪسچر، هن معصوم جو رت، جو بيماري نپوڙي ڪڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارڻو پيو بس ٻئي نال چوڙي چڏيم.پٽي تي پورو ڪيومانس پوءِ ڏاڙهي اچي هتي جيل ۾ لاٿي اٿم. هاڻي تہ هري ويو آهيان، توکي خبر هجي تہ ميٽرڪ سٺي نمبرن سان پاس ڪيم جيڪڏهن ٻاهر هجان ها تہ حياتيءَ جي تمنا بہ پوري ٿي چڪي هجي ها، هينئر ڊاڪٽر ٿي وڃان ها، بس ڪڏهن ماڻهو بيوس ٿي پوندو آهي نہ تہ يار مون رڳو قلم هلايو هو. ننڍي هوندي ٻارڙن جي ڪتابن ۾ ڪهاڻيون لکي ڇپائيندو هيس، جنهن ۾ پنهنجي مستقبل جا خواب ٻين تائين پهچائيندو هوس.“

اهڙي طرح اسان جلد حال محرم ٿي وياسين، هن جي دل ۾ ديس سان محبت جا مٿ پريل هئا، سچ جي واٽ تي گڏ هلندڙ پانڌيئڙن سان گڏ هو جذبا جوان هيس مون کي منجهائنس هڪ آسيس ملندي هئي، هر رات جو سندس اهو اٿڻ ۽ اوسيئڙو مون کي ڏاڍو ڪٽڪندو هو.

مون اڄ بہ ڪيس ٻانهن کان اچي جهلي پِر ۾ ويهاريو”يلا تون ايترو وقت ٻيهي ٽڪجين نٿو؟ ننڊ بہ ڪا نہ اٿيئي“”لطيف سرڪار پڙهيو اٿيئي نانگا ننڊ ڪيئن ڪندا؟

ننڊ تہ هيرو نيڻ، اسان جي واٽ ئي اڙانگي آهي، سنگتين جا ڇا ڇا حال هوندا، مون کي قيد جي پرواهہ ڪانهي اسان سوچي سمجهي وک کڻندا آهيون پر اندر ۾ جيڪي چاڪ چڪن ٿا انهن جو ٻلو ڪيئن ٿئي؟ اهي ڦٽ ترت ڇٽڻ جا ناهن.“

”يلا ايڏو اوسيئڙو ڪنهنجو اٿيئي، اها ملوڪان ملوڪان ڇا آهي“

سندس هٿ منهنجي هٿ ۾ جهلي چوڻ لڳو”ها اها آهي هڪ مستاني، جنهن جي ياد ڀالي وانگر ڪتل آهي، جيءَ ۾، مون هن سان ڪيئي چانڊوڪيون ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي گذاريون آهن، آئون محسوس ڪريان ٿو تہ تصور ۾ بہ نيڻ آهن، جن لاءِ لطيف سائين هيئن چيو آهي.

سنئين نڪ سنهي لڪ، ڪجل ڀنل نيڻ،

ساموندي مون سيڻ اوها ڪي لکيا

ها تہ اهي نيڻ منهنجي دل کي گهائي وجهندا آهن. هتي تہ چنڊ بہ ڪونهي! تو چانڊوڪيءَ ۾ ڪينجهر ڏٺي آهي ڪڏهن؟

”ڪينجهر اهڙي حسين آهي ڇا؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ديس ۾ رهي چنيسرن جا پير نہ ڪٽبا آهن. ڳاٽ اوچو ڪري جيئڻ اسان جو ايمان آهي."

"چئبو سياڻي تون شنوائي تي ويندين؟"

ها سياڻي چور قاصد هوندا ۽ پاڳيا ملزم. لانگ بوٽي قانون. گنگ ٻوڙ ۽ ڪاٺ جا ماڻهو قلم واهيندا قلم جيڪي قسمتن جا فيصلا ڪندا. ڏڪ 2 ٽوٽا. قانوني ويهارو وردين جي پهري ۾ قيد هوندو."

ٻئي ڏينهن شنوائي تان موٽيو هٿڪڙين ۾ ٻيڙين جي ڏف ڪي ڏنم تہ پريان ئي ڪلندو آيو مون کي پڪ ٿي تہ بچاءُ ٿي ويو.

"علي جاني ڏي خبر خير ٿيو؟"

"ها ٿوري ۾ جان ڇٽي!

"ڇا پلا ڪهڙو فيصلو ٿيو"

توکان موڪلائڻ آيو آهيان. سچ وٺيو پيا وڃن. سزا لڳي ويئي آهي. موڪلاڻي ڪونهي."

۽ ٻکين پئجي ويو "پر گهڻي سزا؟"

"بس جيڪا وس ۾ هين. اٺ سال ۽ سوائي ۾ پندرنهن ڦٽڪا"

منهنجا طاق لڳي ويا. اکيون اکين ۾ ملايم تہ ملائي نہ سگهيس.

"پوءِ پلاءِ؟"

بس ويندا اهي ڏينهن بہ گذري. ست سال ڪو وڏو عرصو ڪونهي. تون بہ مڙس هئين نہ؟ هونئن ڪليل قيد ۾ آهيون ۽ هاڻي ان ڪي محدود سمجهداسين. اتي بہ وقت سجايو ڪنداسين. هن دنيا ۾ بہ تہ آخر اسان جهڙا ماڻهو ٿا رهن. آئون ديس جي هوائن ڪي تنهنجا سلام ڏيندس اهي جڏهن مٿان لنگهندن تہ تون مون ڪي پاڻ سان گڏ سمجهجان جڏهن بہ ٻاهر نڪرين تہ ملڻ جي ضرور ڪجان"

ڏنم تہ اڇا ڪپڙا اڇي ٽوپي پائي هلڻ لڳو. لانگ بوٽن جي گهيري ۾ زنجيرن جي سرگم ٿي. جنهن ۾ ڪو ردم هو ڪا لئي هئي.

پوئتي لوٽو هنيائين. منهن تي مرڪ هيس جا سريو ۽ ست پيدا ڪري ٿي. ڪو پيغام لڳي ٿي. پيغام جنهن ۾ ساوڻ جو رت سڳنڌ آهي.

بهارن جي خوشبو آهي. ڪوئل جي ڪوڪ آهي پرھ ڦٽڻ جو پيغام.

# ڪينجهر ڪناري

”اڄ چنڊ جي ڪهڙي تاريخ آهي؟“

”چوڏهين“

”ڪينجهر تي هلون“

”هل ته هلون، تنگ ڊهي ڪري اچون“

”تون اڄ نراس آهين؟“

”اهو پڇڻ به عجيب لڳي! توکي ته خبر هئڻ گهرجي“

”توکي نراس ڏسي ويساهه ٿيندو اٿم ته ڪڏهن ڪڏهن نراس ٿيڻ به فطري عمل آهي“

”پر ڏاها ماڻهو مايوس ٿين، اهو خراب سنوڻ آهي“

”ڪيڏا به هجون پر آهيون ماڻهو نه؟“

”تون ڪڏهن ڪڏهن فرسٽيڊ ٿي ويندو آهين“

”ايئن ڪونهي، وري پاڻ کي سنڀالڻ جي قوت به آهي، مون ۾ پيو سياٽي تنهنجو هليو وڃڻ، بس الاهي گهڻا ڏينهن لڳن توکي، توکان ڌار ٿيڻ سان ڏاڍي اڪيلائي محسوس ڪندي آهيان!“

”ايئن نه سوچيو آهي، پاڻ هميشه لاءِ ڌار نه نه پيا ٿيون، هر هفتي ملنداسين“

”هفتي کانپوءِ پوءِ هفتو وڏو وقت آهي“

”وقت جي دز ۾ ته وڏا جبل به لٽجي ويندا آهن، نيٺ مري ويندا سين.“

”ماڻهو تمام ڏاڍو آهي پر پوءِ به دل ويچاري آهي“

”جذا ٿيڻ جو احساس وڇوڙو اهي جذبا گهائي وجهندا آهن، پر زماني جي وڪ سان وڪ ملائڻي پوندي آهي“

”ٻڌ منهنجو هڪ دوست آهي، سندس ساٿي کان وڇڙڻ وقت ٻنهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"چڱو ڪو گيت ٻڌاءِ وڇوڙي جي نانءُ ئي سهي"

"بهارن ۾ نہ ملياسين تہ خزان ۾ هاڻ ملنداسين"

"اکين ۾ عشقباري جي ڪٽي آلاڻ ملنداسين"

ڏکن جي هير ٿڌڙي ۾ ملي وڇڙي ويا هئاسين،

اتر جي اوٽ ۾ پيارا پڪ چاڻ ملنداسين.

"چُپ ڇو ٿي وئين، سچو ٻڌاءِ"

"بس ڪافي آهي، اسان جي نيڻن جا نير سڪي ويندا تہ پوءِ پئي پيري اکين ۾ آب ڪٿان ايندو؟

"ڪلهہ رسڻ جو سبب؟"

"ها رسبو بہ پرچڻ لاءِ تہ آهي، رسڻ پرچڻ زندگيءَ جو وهنوار آهي"

"آئون تہ توسان رُسان ئي ڪو نہ"

"تو پهريون پيرو ڪوڙ ڳالهايو آهي، ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪاوڙ ڪائي وجهي آ، احساس نہ ڏبو آ"

"آغا سليم هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ( ماڻهو بہ عجيب آهي، پيار جو بکيو پر جيڪڏهن ڪوان کي اٽميو پيار ڏيس تہ ان کي نہ ليکيندوءِ جيڪو نہ ليکيس ان لاءِ پيو واجهائيندو"

"مون لاءِ اهيو چوڻ بيواجبي آهي"

"مون محسوس ڪيو آهي تہ اڄڪلهہ مون کي وسارڻ تنهنجي عادت ٿي پيئي آهي"

"اهو وهم آهي تنهنجو زبان سان جتائڻ آئون ڪو نہ ڄاڻان... باقي هڪ جملي ۾ ٻڌ منهنجي دل ۾ تنهنجي جڳهہ ٻيو ڪو بہ نہ وٺي سگهندو".

"آئون ساڙو بہ تہ ڪو نہ آهيان پر تنهنجي قدبت ڪان گهڻ ماڻهن اڳيان توکي نيچ ڏسڻ منهنجي وس ۾ ناهي"

"اهو واضح ڪر"

"بس انهن اڳيان توتي حڪم هلندو ڏسي پچرندو آهيان خير تون استاد جو هو گيت ٻڌاءِ"

"مون کي ياد آهي، پر سچو نہ اڏ ٻڌائبو تو بہ اڏ ٻڌايو هو نہ."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُس نہ مون ساڻ توکي ڇا ڇيم،
جي رُسين تہ غير سان نہ گھم،
جي گھمين تہ گھم نہ مون اڳيان"
مان تہ عرض ڪري ٿو ڇڏيان."
"پيار بہ عجيب شيءِ آهي."

"پيار ، خوشبو پنهنجائپ ۽ مناس جو نالو آهي، اهڙن جذبن جو نالو آهي، جيڪي سونهن، امن شانتي جي ترجماني ڪن ٿا."

"پيار جا عجيب مثال آهن، هڪ بادشاهہ گندي ميري مهاڻي جي محبت ۾ چت پٽن سان هٽي مهاڻن کي منٿ ڪئي، ڪينجهر جي نماڻي نوري ۽ سنڌ جي بادشاهہ تماچي، زمين آسمان هڪ ٿي ويا. پيار ويچا وساري ڇڏيا، هو سرندي جي سرن تي راءِ ڏياچ سر گھوري وينو تہ وري سسئي جو سر سانگو لاهي پنهون لاءِ ڀهاڙن جا پنڌ ڪيا."

"اِتيئي انتها ٿي ويئي ڇا؟ لطيف ڪانپوءِ ڪا بہ مارئي، ڪا بہ سسئي، ڪا بہ نوري پئدا نہ ٿي آهي ڇا؟

"لطيف، سچل، سامي ۽ ٻيا ڪئين شاعري ٿي تہ سبب ٻڌيا انهن ڪردارن کي زنده ڪرڻ جو. لطيف نہ ڳائي ها تہ هيستائين مارئي جو نالو ٻڌڻ ۾ نہ اچي ها. هونئن اج ڪيترائي نرالا ڪردار آهن، جن کي ڳائڻ لاءِ ڪنهن لطيف جي ضرورت آهي نہ تہ جمود حاوي ٿي ويندو."

"جمود تباهي آهي، تسلسل، چرپر زندگي جي علامت آهي، ان ڪري اسانکي تاريخ جي تسلسل کي بہ برقرار رکڻ گھرجي، نہ تہ جمود ڳڙڪائي ويندو تاريخ کي."

"اج بہ ڪئين مثال آهن، هن جاءِ تي، اڃا ڪالهوڻي ڪالهہ هڪ نوجوان ناري جوڙ جيس نہ ملڻ ڪري آپگھات ڪيو تہ سندس پياري ساهيڙي سنگ نڀائيندي پيار جو انوکو مثال قائم ڪندي ساڻس گڏ ڪينجهر حوالي ٿي ويئي، سوين ماڻهن ٻنهي ساهيڙين جا لاش ڪينجهر جي ڇولين ۾ ڇلندا ڏٺا ۽ ٻئي ٻکين ٻيل هيون. اسٽ جو. ياري جو تمام نرالو مثال آهي پر اسان وٽ لطيف واري اک ناهي."

"پيار جو عجيب مثال آهي، پيار ۾ جنس جو قيد ناهي هڪ ناريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي وسامڻ نہ ڏيندا سين."

"سج اُڀرڻ تائين دلين جا ديپ ٻرندا رهندا. اسين سهائي جا ساٿاري رات ڪان نہ ڊڄندا آهيون. رات وهامڻ لاءِ تہ هوندي آهي. ڪينجھر جي نظارن کي پرهہ جي لالاڻ پسڻ ايندا سين پرهہ ڦٽي جي لالاڻ ڪينجھر جو پاڻي ڪنيو ڪري ڇڏيندي تہ اسان جي اکين جي جوت وڌي ويندي.

"چڱو هل!"

"هل تہ هلون...."

❊❊

# سهائيءَ جي سوجهه

هو سوچڻ لڳو وقت جا ڪانٽا ٻہ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍا سست ٿي ويندا آهن پر وقت جا ڪانٽا تہ پنهنجي مقرر رفتار سان هلندا رهن ٿا. ها تڏهن محسوس ٿيندو آهي تہ وقت جي ڪانٽن کي ونگ پئجي ويا آهن. جڏهن ڪنهن ساٿي جي سارونٽي سري اچي، ڪنهن دودي دوست سان گهاريل گهڙين من ڦرهيءَ اڪري اچن تڏهن برابر وقت ونگجي ويندو آهي ۽ گهڙيالن کي اڏ رنگ وٺي ويندو آهي.

سجڻ کي سچيت سائين جي سڪ اُڪير چڪي اچي بنديخاني جي در اڳيان بيهاريو هو. هو اوسيئڙي ۾ بيٺو هو تہ ڪنهن مهل ٿي موڪل ملي جو پنهنجن سنگتين سرتن ۽ جيڏن سان ملي، دلِ جون ڳالهيون اوري سگهي. سوچ جو پکي ذهن تي سوار هئس، سياڳي صبح جا سپنا مستقبل جا سهڻا سهڻا خيال روشن روپ، جن سپنن جي ساپيان لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن، سرتا جي تاريخ دهرائي رهيا آهن، سي هوشوهيمون، دودي، دولهہ جي پيرن تي پير رکي اڳتي وڌيا. پڙ ۾ پڌرا ٿيا، ڪن، ڪنڌ ڏنا تہ ڪن اچي بنديخاني جو مان مٿاهون ڪيو. اهو ئي دستور رهيو آهي، يونءِ جي ماٿهن سان پيار ڪرڻ جو مارن جي ماڳن ۽ پدن جي پر گهور لهڻ جو! يا بلاول ۽ شاهہ عنايت واري وات ونجي يا نائون مل ۽ چنيسر جوروپ ڌاري هر نئين سج جو سلامي تجي.

" بنديخاني ۾ ٻہ ڪيئي روپ آهن. ماڻهوءَ جا چور ڌاڙيل، خوني، ڪنواري ٻچيءَ سان ڪهاڙيون ڪڏائيندڙ ڪارو ڪاري جي ويا ۾ ورتل وحشي، جن تي بنديخاني جون اُيپون ديوارون شرم کان سسي ويندون آهن. پر جڏهن پونءِ کي پيتا ڏيندڙ گهوٽ اٺموت بنديخاني جو در لنگهندا آهن تہ ساڳيون ديوارون فخر ۾ قولجي اپيون تي آسمان چمنديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچڻ سوچن جو سٽ سنواريندي، پنهنجي نظر بنديخاني جي جبل جهڙي پٽ مٿان ايري آيل سج تي اڇلي، "لالي لڳل سج، سائي آٿيندڙ سرواڻ، اونداهي جو ويري، اعتماد ۽ حوصلي جي علامت."

نظر ڦري ملاقاتين تي آيس، پريان هڪ جهور پوڙهو پراڻي اجرڪ ۾ ٻڌل شيون ير ۾ رکيو ويٺو هو سندس اکين ۾ ڪنهنجي اڪير جا اولڙا ٻکي رهيا هئا، ير ۾ وڻ هيٺان هڪ جوان جماڻ ناري پارڙو ڪڇ ۾ ڪريو جيل جي در ۾ اکيون اٽڪايو ويٺي هئي، مٿس سج جا ڪرڻا تي پيا، ڇن ڀڪراڙ وچ جو تجلو پارڙو ڪيس ڦٽڪيون هڻي ڪڍي رهيو هو ماءُ ڪيس جهليو ٿي پر هن هٿ پري اڇلي ڪوڏي پئي ڪيا.

سچڻ جي ذهن ۾ سوال ايريو "پار ڪان وڏيڪ سهڻي شيءِ بہ ڪا آهي؟ پار تہ خوشبوءِ آهي، سرهاڻ آهي، اسان جي قسمت آهي، وقت جي پيڙي جو ناکئو آهي."

پري ڪان سنتري پڪاريو: ملاقاتي اچن."

سچڻ بہ بين ملاقاتن ڪان گڏ اڳتي وڌيو ۽ اونداهين ڳڙکين مان ليئا پائڻ لڳو. ٻنهي پاسانِ سنهي جاري مان سندس آتيون اکيون ڪنهن لاءِ واجهائڻ لڳيون، جاتل سڃاتل آواز ڪن پيس، وچ ۾ تن انچن جو مفاصلو سندس وجود جا حصا ڪائنس رڳو تن اچن جي فاصلي هوندي بہ ڪوهين ڏور هئا.

هڪ ساٿي سوراخ مان آڱر وڌائي، پاڻ بہ رڳو آڱر وڌائي سگهيو. ٻنهي جون آڱريون مليون ڇڻ ڀڪين پئجي مليا هجن. ڳل ڳراٽي پائي.

باندي سان ملڻ جو مزو اور آهي، واري سان ساٿي ايندا ويا. آڱريون هڪٻئي کي ڇهنديون رهيون، اندر جا حال بہ اوريندا رهيا. جذهن جذبن ۽ احساسن جي اٿل ايندي آهي تہ لفظ بہ وچڙي چوندا آهن! زبانن کي سنگهرون لڳي ويندیون آهن. سامهون سپ ارڏا ۽ اڙينگ. جذبن جا بادشاهہ سهائي جا متوالا ڏرتي جا ڏگ دلير جوڌا. لطيف جي لفظن کي حقيقي روپ ڏکائين.

باندي پيا قرار اسين لوچيون لوهہ ۾،
مٿان تن ترار سدا سانگيئڙن جي

جي مچن جي ساول سان ويا هئا تہ ونگ ورائي ڇڏيا هئا. تجربن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ڪيترو ساريندا آهيو؟"

پلا پڇڻ جي ڳالهه آهي، سڄڻ ۽ ساٿيهه ڪنهن اٿاسي وسري"

ٻارڙن جي ڪيهن بنديخانو ٻُرائي ڇڏيو هو! پٽ جي دانهن تہ پيءُ کي وڳرائي وڌو، ماڻڪين ۾ لڙڪ تري آيس ۽ اتي ئي سڪي ويا. سڄڻ جون اکيون بہ آليون ٿي پيون. ٻيا ساٿي پنهنجي ڪچهري ۾ رڌل هئا. سڄڻ جي اندر ۾ آڳ پئي ٻري. ٻارڙو شيخن کي ڇڻ پٽڻ ۾ لڳو پيو هو.

وڇوڙي جو وقت اچي پڄي آيو سڄڻ ساٿين کان موڪلائي بنديخاني جي وڏي در ڏانهن وڌيو اڳيان ساڳي مائي ٻارڙي کي ڪڇ ۾ ڪٽي اڳتي وڌي رهي هئي، ٻارڙو ڪيهون ڪري پنتي واجهائي رهيو هو.

سڄڻ جون سوچون، سوريءَ چڙهيل هيون. "هي ٻارڙو" جو اسان جو آئيندو آهي، اڳانڌو آهي، نيٺ وڏو بہ ٿيندو تڏهن وقت ويچارو هوندو اوندهہ تي سهائي جي سوڀ اوس ٿيندي، پوءِ انهن شيخن کي زنگ لڳي چڪو هوندو، ٻارڙي جا هٿ سگهارا هوندا ۽ سيخون سٽ بہ نہ جهلينديس. ها، بيجان شيخون سندس اڳيان تڇ هونديون."

سڄڻ در ٽپيو ۽ سوچن جي سمنڊ مان نڪري اڳتي وڌندو شهر جي هُل گوڙ ۾ گم ٿي ويو. پويان بنديخاني جي ديوارن ۾ ٻارڙي جون ڪيهون اجا تائين ٻُري رهيون هيون. پڙاڏا هئا. سچ چئي رهيو هو:

"منهنجي آهہ اها، ڪڏهن ڪيرائينديڻ ڪوٽ کي."

سچ جي آه ٻارڙي جي دانهن ۾ وسائجي ويئي ۽ پري تائين ڳوڙن واهڻ وستين ڏانهن ڪاهيندي اڳيري ٿيندي رهندي.

❊❊

# جيئان لوڪ لڇ ٿئي

آڌي رات آهي شهر کان فرلانگ کن اتر طرف تلاءَ جي پرسان پونگي ۾ هڪ عورت جي ڪنجهڻ، ٽڪا ٽڪا ساهه کڻڻ، وقفي وقفي سان هلڪي رڙ جا آواز ٻڌڻ ۾اچن ٿا، مرد سندس ٿهل ٽڪور پيو ڪري ۽ بيچيني کان اندر ٻاهر ٿئي پيو. مرد هڪ دفعو وري ٻه ٻاهر نڪتو اندران جهيڻي آواز ۾ عورت سڏ ڪيس "جمال! او جمال وڃي وٺي اچ."

"پر توکي هن حال ۾ ڪيئن ڇڏي وڃان، مون کي ڳچ دير لڳندي، تنهنجو الائي ڪهڙو حال ٿئي". پونگي ۾ واپس ٿيندي چيائين.

عورت آنڌ مانڌ جي حالت ۾ ڦٽڪي پيئي، خاموش وايو منڊل ۾ هلڪي دانهن لهر ٻڌجي پري ٿي، اوسي پاسي وارا سڀ ڏينهن جو پورهئي ڪري ننڊ ۾پڌل، مرد عورت مٿان جهڪي ٿو عورت سور کان نانجهي ٿي پاسو واريو سندس بدن ۾ جڻ سرنگون پيون لڳن، اوچتو عورت کان نيم بيهوشي واري حالت ۾ رڙ نڪتي.

"گهوڙا... مري ويس..." نيٺ ساٽي ٿي پيئي، اُيا ساهه گهٽجڻ لڳا، مرد تازو ڄاول ٻار ڪٽي ٿو. "پٽ" ڏاڍو خوش ٿيو رت ۾ ٻڏل ٻار کي ڇاتي سان لڳائي ڇڏيائين، اوچتو احساس ٿيس ته ٻار جي دل جي ڌڙڪن بند. گوشت جڳو جسم ٿڌو جڻ نانگڻ چمڪي ۽ سندس بدن ۾ مٿي کان پيرن تائين ڪرنٽ پيدا ڪندي ويئي، ڪنن مان زوزاٽ نڪري ويس، ڪيڏي سڪ ڪانپوءِ "پٽ" ڄائو ته مئل. زال ڏانهن ڏسي ٿو جا بيهوشي جي حالت ۾ ابتيون سبتيون ڳالهيون پئي ڪري.

سوچون... خيال... ڪيڏي سَڌ هيس پٽ جي. "هن پيٽ رولي وڏو آهي نه ته ڳوٺ کان پري ڪيئن رهان پر ڳوٺ ۾ بک مرڻو ته ڪونهي هتي اچا اپري سيري مزدوري لڳيو پوي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وريا واهوندا

هن پراڻي جڳهه ڪي گهوري ڏٺو ۽ ڪيسي مان چاٻي ڪڍي تالو کولڻ لڳو. هاڻي ته دنيا ۾ مون لاءِ هي کنڊر ئي بچيو آهي. ماڻهو جي جياتي ڪان پراڻي هي ڪوٺي، جڻ جيئري قبر ۾ هجان. در کولي ڪاٺ جي پيچل ڏاڪڻ تان خيال سان چڙهڻ لڳو ڪٽي پيچل ڏاڪي مان هليو وڃان پوءِ به ته منهنجو آڪيرو آهي. جتي سڄي ڏينهن جي هڻ هٽان بعد اڪيلائي جو عذاب ڀوڳيندو آهيان. ڊيوٽي ڪانپوءِ هتي اچيو دفن ٿيو وڃان. اڪيلائي ۾ ويتر يادون مسئلا بڻجيو پون نراسائي هيڪاري وڌيو وڃي. سال پورو مون جنگ ڪئي آهي، پاڻ سان.

کٽ تي ليٽي پيو اکيون بند ڪري سپنن جي ٽٽل تند جوڙڻ لڳو وکريل سپنا. ڌاڳو ڌاڳو ڪري يادن جي سلسلي کي سهيڙڻ لڳو سپنا جي ساڀيان نه ته ويراڳ جي رڻ ۾ رلي وکري ويا. پري ويا.

ٽڏو ساهه پريائين هن مهل ڪراچي ۾ وڃي. ڪوا چي مون سان ڳالهائي، ٻه ٿهڪ ڏي، کلي ۽ مون کي کلائي پر مون وٽ ڪير ايندو؟ منهنجي ويران زندگي ۾ ڪير ايندو؟. خشڪ ڳالهيون ڪا رنگيني ڪانهي، بور ڪندڙ مسئلا. تڏهن ته سپ يار ڪجهه وقت ڪانپوءِ پڇيو وڃن. جيڪڏهن ڪو گهڙي ڪن اچي ٿو ته به اک پوري ڪري. هي ڪتابن جا ڍڳ ۽ اڪيلائي، اها ئي زندگي آهي؟ ماڻهو پنهنجي وندر لاءِ ڪئين شيون پيدا ڪري ورتيون آهن، ٽي وي، وي سي آر سئنيما جي پردي تي ماڻهو ڪان به وڏا. سندس عڪس، سهڻا روپ. مشين ماڻهو جو دماغ ڦيرائي ڇڏيو آهي، پر مونکي ته سڪون نٿو ملي، سپ ڪجهه ڏسندي اندر ۾ آگ لڳي ويندي آهي.

مون زينا جي صلاح نه مڃي، دوزخ ۾ ٽپو ڏنو آهي، معمولي آواز تي ڪن ايا ٿيو وڃن هي منهنجا ڪن ڏاڪڻ تي ڪنهنجي پيرن جو آواز ٻڌڻ لاءِ آتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏ بابا چانهه پي پي آندا ئي سڙي ويا آهن، قرآن ڪا نہ تي وٺي، تون ويهہ تہ سهي“

”جيڪا تنهنجي مرضي، هي ننڍو شهر آ، چانهه پيئاري دوستن جو آڌر ڀاءُ ڪندا آهيون، تون چانهه بہ نٿو پيئين.“

”خير، ها تہ شادي ٻادي جو ڪو آسرو آهي؟“

”بس نہ پڇ، ڪو آسرو ڪونهي، اسين ملنگ ماڻهو ڪنهن کي پنهنجا ٻچا ڪڙا آهن.“

”چئبو اجا اتيئي بيٺو آهين، جتي ڇڏيو هو مانءُ؟“

”پيو ڇا ڪريان؟ هجي ڪو تڏو ڇگُوءِ گهر گهاٽ“

”بابا شادي ڪر شادي، نہ تہ تباهہ ٿي ويندين، صفا فرسٽيڊ ٿي ويندين، هن پراڻي سلسلي جو ڇا ٿيو؟“

”ڪهڙو سلسلو؟“

”واه چئبو بہ ٿي سلسلا آهن؟“

”اڙي نہ بابا اها ڳالهہ ناهي، اُهي ڏينهن اُهي شينهن، پهچ نہ ساري سگهياسين هٿ ڪڍي ڇڏيائين، ٻي ڪنهن جي حياتي ڇو تباهہ ڪجي؟ ڪهڙو فائدو؟ هو وڏا ماڻهو اسين پهاڙ جي پيرن ۾ ڪڪري“

”واهہ سائين تون تہ ڪو صفا بيوقوف آهين، تباهي تہ اها آهي تون هتي برباد هوءَ ويچاري هوڏانهن هميشہ لاءِ گهاٽي جهڙي پئي حياتي گذاريندي“

”پر يار ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس، جوڪر ڪٽڻ لاءِ ڪافي سوچيو هئم تہ وقت گذرندو تہ هڪبئي کي وساري ڇڏينداسين پر يار زينا کي پل بہ نہ وساري سگهيو آهيان، سندس ياد منهنجو جيءُ جهوري ڇڏيو آهي، وسارڻ ناممڪن ٿي پيو آهي، وس ڏاڍا ڪيا اٿم پاڻ تي جبر ڪيو اٿم، دل تي پٿر رکيو اٿم پر سڀ ڪجهہ فضول“

”مون توکي پهرين ئي چيو هو تہ اها نہ ٿيڻي ڳالهہ آهي، فطرت جي ئي خلاف آهي.

”پوءِ ڪو حل ٻڌاءِ، هاڻي آئون وڌيڪ سهي نٿو سگهان، ٻڌايائين مون سال پورو زهر جا ڍڪ پريا آهن، مون پل پل گهاءُ ڪري گذاريو آهي“

”آئون چوان ٿو تون انتهائي بزدل آهين، پاڻ کي بہ تباهہ ٿو ڪرين ۽ هن

گذري ڪي ياد نہ ڪر. مون زينا ڪي جنجال ۾ وجھڻ نہ ٿي گھريو.

ابا تون مون وٽ اچين هان. اسان اڇي سينڌ اُس ۾ ڪا نہ ڪئي آهي، ڪوحيلو ٿي پئي ها.

ماسي هاڻ بہ ڳالھہ پري تہ ڪونهي؟

آئون ڇا ڪريان پٽ تو ۾ مڙسي هجي تہ. ڇوري تہ موري پنن سوڌي تو حوالي ڪئي تو پوٺو پوءِ پلا زال ذات ڇا ڪري؟

ماسي پلا زينا مون ڪي ساريندي آهي؟

بچينم انهن ڳالهين ڪي ڪٽي ڇڏي، سندس حال ڏسيو مون ڪي وڌا پون، تولاءِ پاڻ ڪي خاڪ ڪري ڇڏيو اٿس پر ڪڏهن نويڪلائي ۾ مون ڪي ہڪ وجهي يُڪون ڪندي ۽ ہاڪاريندي آهي. پوڙهي ڳالهہ ڪندي روئي ڏنو. گگ ڳڙي پيس، پوتيءَ سان گگ اگهي ڇوڻ لڳي ابا تو چگو نہ ڪيو پيڙي ۾ چاڙهي ڦرهو نہ ڪيبو آهي.

بس ماسي ڏوهي آهيان زينا جو هاڻ تون مڙسي ڪر.

تون ڇئو پلا آئون ڇا ڪريان؟ ڪرٽو تہ اوهان ڪي آهي.

بس زينا ڪي ہڏاءِ تہ آئون ڪيس هميشہ لاءِ پنهنجو ڪرڻ ٿو گهران. ہي پيري ايندس تہ زينا ڪي ساڻ وٺي ويندس. تون رکو اسهڻ جو ٿڻ پڇي ڏي زينا ڪان.

اڙي ابا شل ڪا الله توکي سگهہ ڏئي، آئون آئي هيس، ہتي ہاري هي پت گراهہ ڪاءُ اچا پٽهس ڪي کير گرم ڪري ڏيٽو اٿم ماٺهس ڪي زور ڏيٽا اٿم پوءِ ڪنڌ پاسو ڪري چوانس ٿي. پوڙهي ويندي ويندي ہتي اجهائيندي ويئي، هن پت مان بہ ٿي گرهہ هنيا ۽ گهڙي مان پاٺي پي ليٽي پيو خدا ڪري زينا تيار ٿئي، هليا ويندا سين، هتان ڏور تمام گهڻو ڏور جتي ڪو بہ سڃاڻو نہ هجي، ماسي نيامت بہ نہ جتي رکو زينا ۽ آئون هجون مزدوري ڪنداسين. ڪا پونگي اڏي رهنداسين. دنيا ئي الڳ اڏينداسين.پير جي دنيا، پنهنجهائپ جي دنيا پر زينا نہ هلي تہ؟!! اهو احساس ٿيندي سڄو وتجي ويڃي ٿو متو ڦري ويس.

هن وچ وارا 12 مهينا الائي ڇا ڇا سوچيو هجي؟ ڪهڙا فيصلا ڪري چڪي هجي؟ حالتن سان ٺاهہ ڪري چڪي هجي؟.... نہ نہ هو اهڙي ناهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زينا اهڙي ناهي.

انهن وسوسن ۾ ڪافي رات لنگهي ويئي، آڌيءَ رات ڌاري پوڙهي نيامت نڪاءَ اچي ڪيو. لوڪ سمهي پيو هو. ٻتي ڦري ته نيامت جي منهن تي سرهائي ڏٺائين.

ها ماسي ڪا خير جي خبر؟

الله حياتي ڏيس، ماڻهس کي زور ڏيئي واندي ٿيس. سندس ڪونيءَ ۾ گهڙيس جاڳي پئي. تنهن جو ٻڌي چري ٿي پيئي. چنبڙي ويم. ياڪر وجهي سڏڪا ڀرڻ لڳي، بس ابا ڏوهه سڄو تنهنجو آهي. تون پاڻ به هلاڪ ٿئين. هن کي به رت رئاڙيئي. بس هاڻي وڃي بندوبست ڪري جمعي رات سومهڻي مهل ڪوٺ جي اترئين ڪنڊ وٽان نم جي وڻ هيٺ بيٺو هججان. پئسي ڏوڪڙ جو الڪو نه ڪجان. ڪوٺ اندر پيل تيل جو ڊرم آئون ايو ڪري ڇڏيندس ڪنڊ ۾. ان تان چڙهي ڪوٺ ٽپي ايندي تو وٽ. تون تيار بيٺو هججان. پوءِ ڪٿن ياڳ اوهان جا. هن گهر جي ڇائي ته جواني ماٺي، سک جو ساهه ڪٽي.

چڱو ماسي آئون هلان ٿو جمعي رات تائين الله واهي. ابا آڌيءَ مهل ڪاڏي ترسي پئو اسر ويل جهونڪڙي ۾ هليو وڃجان.

نه نه ماسي ڪوهه ڏيڍ پنڌ نه مارينڌو ڪو ڪتڻ ڪڙو ڏسي نه. ڪتو نه ڏسي نه پونڪي. راتو رات واپس. زينا کي پڪو ڪجين. جمعي رات آئون ايندس.

چڱو ابا خدا چڱي ڪندو.

هو آهستي آهستي نڪري ڳوٺ کان ڏور جهنگ ۾ گهڙي پيو. پير پٽ تي نه پئي لڳس. رات جي چپ چاپ حياتي ۾ وڌندو وڃي. ٽڏ جي چرچر وايو منڊل ۾ عجيب آواز پئي پيدا ڪري پري ڪان ڪو گدڙ اونائي خاموشي جو سينو ٿوڙي ڇڏي آواز گونجندو وڃي. پري پري تائين.

رات اڃا ڪافي آهي. سندس نڪاٽو اڃا اڌ ميل ڪن ٿيندو. هن مهل شهر ۾ داخل ٿيڻ نيڪ ناهي چوڪيدار ڏسندا شڪ ڪندا. صبح جو موڪل وٺي آرام ڪندس. هن ڪيڙ ڪي پر ڏيئي ٿو سمهان. ڇاڻ صبح ٿيو.

ٻانهن سري کان ڏئي آهلي ٿو پيئي. ننڊ ديوي پاڪر ۾ وٺي ڇڏيس. پيرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڙڪڻ لڳس. ڦوڪ سان ٽنگ ۾ چڙهي ڪنهن لٽ هٽي ڪڍي، ٻيو ڏڪ لڳو سندس پيرن لٽ زور سان پٽ تي هڻڻ لڳو سندس پيرن ۾ نانگ تڙپي رهيو آهي، سندس پيرن مٿان ٻن هنڌن تان رت ٽمي رهيو آهي، سور وڌڻ لڳو مٿو ڦرڻ لڳس. زينا هاڻي ڇا ٿيندو؟ آئون هلان ٿو ڏور ڪوهين جتان ڪو به نہ ورندو آهي، زينا پنهنجي پاڳ ۾ ويچوڙو آهي، هاڻ مون تي ميار ڪونهي، سور جي سٽ دل ۾ محسوس ڪيائين ڇرڪ ڀري جاڳي پيو.

سامهون پرهہ ڦٽي جي لالاڻ شفق تي ڇائنجي رهي هئي، پکي لاتيون لنوي رهيا هئا. سندس منهن تي مرڪ تري آئي.

**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اوسيئڙو

گهُگهه اونداهي رات ۾ هن ننڍڙي شهر جي سنسان گهٽين ۾ رڳو ڪنهن مهل ڪتن جا ڪوڪاٽ ٻڌڻ ۾ ٿي آيس، بجلي بنا هنن ننڍن شهرن ۾ سج لٿي ڪانپوءِ ڪڪڙو ڪو لڳي پيئي آهي، پير سنيالي رکندو گٽر لتاڙيندو وڃندو وڃي، ساڄو هٿ زري زري ور ۾لڳل ڪنهن ٿوس شيءِ سان لڳي وري ڏرڪي ٿي ويس، راتين جو رولاڪ هو اڄ ورهين ڪانپوءِ هن شهر ۾ وڃندڙ اونداهي رات ۾ پير پاتو هئائين، وچ وار عرصي ۾ شهر ۾ ڪا به تبديلي نه آئي هئي، رات جو ساڳيون جڳهيون ساڳيا روڊ رستا.

هڪ در وٽ بيهي ٿو رهي،هيڏانهن هوڏانهن ڏسي در کي ڪن ڏيئي بيٺو رکي رکي ڪو کنگهه جو ٽونڪار ٻڌڻ ۾ آيو ٿي نه ته بس، گهاگهه شڪاري هو پل ڪن ۾ پرکي ورتائين، "کنگهندڙ ماڻهو پورو ٿيو پيو آهي، ست ئي ڪونهيس، اجهاڻو پيو آهي، پر چاڪ هجي ته به مون کي ڇا ٿو ڪري سگهي، اجا ٻانهن ۾ ٻل آهي، ور ۾ رات جو ساٿي آهي، رڳو لبلبي دٻائڻ جي دير آهي، رستي جو ڍنگر ڍير ٿي ويندو.

سندس ڦڙت بدن ۾ سگهه آئي، ٻي گهڙي ديوار ٽپي گهر جي اڱڻ تي پهچي چڪو هو اجا پير مس ڪوڙيائين ته هڪ پاڇو پاڻ ڏانهن وڌندو ڏٺائين، ور مان روالور ڪڍي تيار ٿي بيٺو پاڇو گهر جي ويجهو اچي پهتوءِ سرٻاٽ ڪن پيس، در ڪليل هو پوءِ مٿان ڇو ٽپو ڏنئي، تون هل رڌڻي وٽ پيل کٽ تي ويهه، آئون اجهو ٿي اچان".

عورت جي ڳجهارت سمجهه ۾ نه آيس، ڪي گهڙيون سوچڻ ۾ پئجي ويو "ته ڇٽبو مون کي پنهنجو ڇگهه سمجهي ويهاريو اٿس، مڙس کان چوريءَ ٻئي جي ٻکن ۾ رات جو اوجاڳو ٿي ڪري، اڄ وهون ٽا ونگار خير ۾، ٻه گوليون خرچ ڪري هن رن کي مزو چکايان ته ڇگهه ڪيئن ڪبا آهن، ڪُتي رن مئي ڇڱي آهي، مون کي ڇا آهي ٽڪاءَ سان واچوڙو ٿي ويندو پويان پيا لوڙيندا."

عورت اچي سندس پر وسائي، ٻانهن ڇيلهه تان ورائي ڏوراپا ڏيڻ لڳي" ست ڏينهن لاتا اٿئي، ڄڻ ست سال گذريا آهن"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبردار اڳتي ڪجي آهين. چوڻ به ڪيئي ته ڇهه ئي گوليون پار ڪندوسانءِ. گهٽا ڏينهن چگهه سان رنگ رليون ڪيون اٿئي، ٻڌاءِ ڪير يار اٿئي" سندس سرہاڻن ۾ ڪروڙ جا تير هئا. عورت جي اندر جي آهن سڏڪن جي صورت ورتي.

چاڳ ڇڏ لونڍيا ڪري ٿي چگهه وري روئي ٿي، دير ڪيئي ته اڌ ماريندوسانءِ."

عورت گهٽيل اوچنگار ڏني. پريان ڪنگهه جو ٺونڪار بند ٿي ويو هو " خدا جي واسطي مون کي ماري ڇڏ. منهنجي جند ڇٽي پوي هن سورن مان. خون خدا ڪارڻ معاف اٿئي مون کي هن عذاب مان ڇڏاءِ"

"چا ٿيو هن کي، مرڻ لاءِ تيار ٿي ويئي، مرڻ جي سڌ ڪرڻ ته سولي آهي پر مرڻ ڏکيو"

"نه نه سچ پچ آئون مرڻ لاءِ تيار آهيان. مون کي هن حياتي کان نفرت آهي، نتي جيئڻ گهران. هيءَ گهاٽي جهڙي زندگي نٿي کپي."

"اهو ڪنگهيو ڪير پئي"

"اهوئي هن نياڳي جو ور آهي"

"ڳالهه ڇا آهي؟ ٻڌاءِ مون کي، سچي ڳالهه ٻڌاءِ، تو مون کي ٻڏتر ۾ وجهي ڇڏيو آهي."

"نيڪ آهي انهي وچن سان ته تون اڄ مون کي هن حياتي مان جند ڇڏرائيندين ۽ آئون اندر ۾ ٻرندڙ آگ هڪ پيرو ڪنهن کي ٻڌائڻ گهران ٿي."

"تون ڳالهه ته ڪر"

"آئون ڪاليج ۾ مس داخل ٿيس ته منهنجي مڙس ۽ منهنجو پاڻ ۾ حياتي جو رشتو جڙيو. اسان مائٽن ۽ سماج سان بغاوت ڪئي. ريتن رسمن جا ٻنڌڻ ٽوڙي مٽ مائٽ ڇڏي لوڪ کان لڪي نئين واٽ ورتيسين چار سال لنگهيا به ٻار ڏيءَ پٽ ڄاوا پر منهنجي مڙس کي سلهه وٺي ويئي ۽ اچي گوڏا جهڪايائين. ڪلارڪ ماٺهو اپري سيري چونڊي ميڙي علاج ۾ پوري ٿي ويئي، ڏنڌي جي ڳولها ڪيم پر اسان وٽ عورتن کي ڏنڌو ملڻ به وڏي ڳالهه آهي، مٺن مائٽن ڏانهن کهڙو منهن کڻي وڃون. انهن کي نه وري اسان جي خبر هئي پوءِ بکون اچي ويون...."

"اهو ڪير آهي، جنهن لاءِ ست ڏينهن ست سال ٿي پاسئي"

اهو به تو وانگر رات جو شڪاري آهي، جو جسم جو ملهه پنج رپيا ڏيندو آهي، انهن مان پيٽ ۾ گراهه وجهندا آهيون پر هو مردار به ستن ڏينهن کان

آيو ئي ڪونھي، ٻچا ٻن ڏينھن کان بک ۾ نستا ٿي ڪري پيا. اڄ " پاڙي وارن کان ٽڪر وٺي سمھاري آئي آھيان. ھاڻي دير نہ ڪر. مون کي ھن حياتي مان ڇڏاءِ خون توکي معاف آھي، پوءِ ڪتين پوين جا پاڳ. پيٽ لاءِ ٻچن لاءِ اھي انگل بہ ڪيم. "

روالور ور ۾ ھٽي، ھٿ کيسي ۾ وڌائين. ھٿ ۾ ڳاڙھو نوٽ ڇڪجي آيو سندس پنبڻ پسيا لڙڪ نوٽ تي ڪريا. ھٿ وڌائي نوٽ عورت کي ڏنائين. تہ ھوءَ حيران ٿي ويئي، انتظار ڪرڻ لڳي وري بہ پل صراط کان لنگھڻ جو.

رات جو رولاڪ اڳتي وڌيو عورت جا ھوش حواس گم ٿي ويا وري بہ ساڳيو بت ٻڌجي بيھي رھي پر ھو در ڏانھن وڌيو ۽ عورت جي ڪن تي رڳو ھي پڙلاءُ پيو" آئون ھر ھفتي ايندس منھنجي پيڻ. تون منھنجو اوسيئڙو ڪجان".

❋❋

لولن جيترو ڏوڪڙ ڪونهي، پڳوان نالي اٺ آنا ڏي مسڪين ڪي هي پسون بک سهي نٿا سگهن.“

”هل رن ترڪتل ڪونهي ڪليو هل اجا بيٺي آهين. منهنجي هٿ مان اٺ آني ڪري پئي، چٽڪات تي مائي ۽ ٻارن جون نگاهون سڪي تي ڄمي ويون. ٻارن مون ڪي گهوري ڏٺو جڻ منهنجي چوري جهلجي پيئي، هٿن ۾ حرڪت آئي، اٺ آنا کڻي مائي جي تري تي رکيم. موٽ ۾ دعا جا جملا. جن چپن تي پڳوان جي سدا هئي، تن تي خدا جو نالو ٻُرڻ لڳو ”خدا خوش رکندئي، ٻچا بچندئي، سائين لک تيندا.“

گهر هلڻ لڳس. ذهن تي ڪئين سوال، سوچن جي واچوڙن ۾ وڃڻ لڳا. ٻارن لاءِ شئي، فقيرياڻي جا اگهاڙا ٻار هيٺا هڏ. سيٺ جي بي رحمي، اسلم جي مدي خارج سوچ. گهر اندر داخل ٿيس پٺي ٻار نماڻيون ماٺڪيون کڻي خالي هٿن ۾ تڪي رهيا هئا. منهنجا هٿ خالي هئا پر ذهن جي پردي تي فقيرياڻي جا ٻار ماني هٿ ۾ جهلي خوشي سان کائي رهيا هئا“ رُڪيءَ تي ٻه سُرها هئا.

❊❊

# ماڻهو اياڻا دليون نہ جوڙين

شام جو وايو منڊل هن ننڍڙي اسٽيشن جي ڪراسنگ پُل متي الهنديءَ ڏس منهن ڪريو ويٺو آهي، سامهون سج ٽڪرين جي چوٽين پٺيان لڪي رهيو آهي، وري سڌو ٿي پنتي نهاري ٿو سندس نيڻن جون ماڻڪيون ڪجين جي گهاٽن جهڳٽن تان ترڪنديون وڃي ڪينجهر جي نيري پاڻيءَ تي پيون. ڪينجهر جو نظارو نظر ڪٽ تائين پسندي "اسان جي دل ۾ ڍنڍ آهي، منجهس هزارين لکين مانگر مڇ پيا پلجن" سوچن جو سمنڊ اُٿلي پيو" هن ننڍڙي شهر ۾ شام جو وندر لاءِ هي اسٽيشن ئي تہ اهڙي جڳهہ آهي، جتي ڪي پل سڪون ۽ تازي هوا پلئہ پئي ٿي پر ڪا ريل گاڏي زوزات ڪندي متيندي تہ اهي سڪون جون گهڙيون بہ وِهہ ٿيو پون. هي جيون بہ ڪو جيون آهي؟ سماج جڻ ست سسيو راڪاس!! هڪ مسئلو حل ڪجي تہ پيو ڪر ڪنيو ويٺو آهي، صبح واري ڳالهہ هينئين تي هري آيس، ان مهل زمين جاءِ ڏي تہ گهڙي وڃان. ويچاري ادي، لاڏ ڪوڏ مان پاليل پيڻ، ڏيءُ ڪي ڪڇ ۾ ڪٽي آئي "ادا هي پنج ربيا وٺ، مائي پاڳل جي رلي ٽانڪيم تنهنجا مليا اٿم. هن ڏيئڙي جي حالت تہ ڏس، هن حال ۾ مهينو اچي ٿيو اٿس. رات جو رڙيو ٿي مري، ڪا دوا وٺي ڏينس."

"پيڻ جي اکين ۾ لڙڪ ڏسي جهجي پيس، "ادا بہ ٿي ڏوڪڙ پيا تہ پورهيو ڪري پوءِ ڏينديس."

"ڪيس ڪيئن سمجهايان تہ منهنجي جيجل پيڻ تنهنجي ڪڪيءَ جون رڙيون رات جون مون ڪي بہ سمهڻ نہ ڏينديون آهن. جڏهن ڪڪي "ابا... ابا" ڪري دانهون ڪندي آهي، تڏهن دل تي چا گذرندو آهي، "پاڻ رڳو ڪنڌ جهڪائي چڏيو هٿائين، پيٽس هلي ويئي." اديءَ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ ڪنهن ڪان گهرندي؟" آئون ئي تہ سندس سهارو آهيان پر پنهنجي اولاد لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر هن مهل ويو هوندو گهر ڪمپائونڊر کي به ڏوڪڙ ڪيسي ۾ وجهي کي گوريون ڪا مڪسچر وٺي وڃان. فائدو ته ڪو نه ٿيندو پر ادي جي دل کي تسلي ٿيندي ۽ توري ۾ ڪم ٿيپي ويندو" اسپتال ۾ گهڙيو ڊاڪٽر جي ڪرسي خالي ڏسي سرهيو ٿيو“.

ٻاهر نڪتو ته سندس پاسي واري ڪيسي ۾ شيشي هئي ۽ ٻه ٽي حب " هاڻ ٽڪڙو پهچان گهر. پيو ته ڪو نڪاٽو ئي ڪونهي. پر هن ٻچيل رپئي مان چا وٺان. اٺ آني جي ٻارن جي شيءِ اٺ آني جون ملنديون ٻه ڊائيزيپام. ڪائي ڪندس ننڍ پوءِ پيڙيان پنڌ ڪي.

رات جي اونداهي ۾ ٽڙندو ٽاپڙندو ڳوٺ ڏانهن وڌڻ لڳو سوچون. ڳڻتيون، مونجهارا. ٻئي طرف ان تي سرهو ته پيڻ دوا ڏسي ڪيڏي نه خوش ٿيندي؟

گهر جي چانئٺ تي پهتو ڳوٺ جون مايون گهر ۾ ويٺل ڏٺئين . پيٽس منجيءَ جي پير ۾ اونڌو منهن ڪريو سڏڪا ڀئي پريا. منجي تي پيل آهي هڪ معصوم جسم. دل ۾ آيس رڙ ڪري چوي"ادي منهنجي پياري پيڻ اُٿ ڏس مون ننڍڙي راڻي لاءِ دوا آندي آهي. " ايتري ۾ ننڍڙو ڀاٽيجو چيچ ۾ جهلي چيس" ماما او ماما راڻي پيڻ هلي وئي. "

" چا چوان ٻار کي اهو ئي ته بابا راڻي هلي ويئي پاڻ کان ڏور هن ڪوڙي سماج کان ڏور جتان ڪو به نه موٽندو آهي.جتي ڪو به داوئن ۽ ڊاڪٽرن جو محتاج ناهي. بک ۽ اجهي جو محتاج ناهي" ۽ ننڍڙي ڀاٽيجي کي ڀاڪر ۾ ڀري ڇاتي سان لائي توڇڏي. لڙڪ لڙي ڌرتي ۾ سمائجي وڃن ٿا.

❋❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# احساسن جون سرحدون

هن ڪمري سان منهنجي ماضي جون ڳنڀير گهڙيون ڳنڍيل آهن، يادن جا ڪکر ڪنڊ ڪڙڇ اڃن ٿا، ماضي جو البم اٿلائيندي سوچ اتي اچي بيهندي آهي. سڄي هاسٽل کان پري نويڪلو هي ڪمرو جڻ ٺاهيو ئي اسان لاءِ ويو هو- هاڻ اسان جي ننڍڙي ڪائنات هئي، ٻه ماڻهو ٻه کٽون، ٻه ٽيبلون، ٻه ڪرسيون، سنهو ٿلهو سامان هڪ عدد ريڊيو ٻي دنيا سان واسطو منهنجو نه هو. البت نواز جو گهٽ، منهنجي غير موجودگي ۾ سندس رهاڻيون، پٽيوالي رمون سان ٿينديون هيون.

صبح جو اٿي تياري ڪري ڪاليج ويندا هئاسين، موٽي اچڻ ڪانپوءِ ڪجهه دير آرام ڪري آئون راهي ٿيندو هئس، پنهنجي روزاني ڪرت تي.

ادبي دوستن سان ڪچهري، هونئن به هن شهر ۾ اديبن شاعرن ڪامريڊن جا ته گودام آهن. مون کي نواز جو الڪو هوندو هو ته همراهه اڪيلو هوندو، پوءِ پڇڻ جي ڪندو هئس، ننڍ وچي ڦٽائيندو هومانس. ڏاڍو سٺو وقت گذرندو هو. ڏاڍو پيارو ماڻهو ڪل خوشي ۾ سٺو وقت گذاريندا هئاسين پر رلڻ ۾ منهنجو ساٿ نه ڏيندو هو. ماڻهن جي ميڙن ۾ گڏجاڻين کان ڪيٻائيندو هو جڻ ڪيس ڳڙڪائي ويندا. ڪاليج جو پوڙهو پٽيوالو به اچي اسان جي ڪمري ۾ محفل مچائيندو هو جڳ جهان جون خبرون سندس من ۾ ڳالهين جون ڳوٽيون هيون، سي سڀ چنبڙي رکندو هو. نواز ساڻس هر ڳالهه تي چَسي ملائي ٺهڪ ڏيندو هو.

ڪاڪو رمون ڪنهن لاءِ وقت جو اظهار ڏاڍي ڪڙي نموني ڪندو هو" وڏا حرامي آهن پيسان وائي ڦڙا" بس اهو ئي جملو هو جو نواز جي ٺهڪن تي ٺانڊا ٿي ڪرندو هو. اپاڻڪو ۾ مايوس ٿي

"ڇو خير تہ آهي نہ ڳوٺ ڏانهن"

"مڙيئي خير آهي"

پوءِ ايترو لٽل ڇو آهين. همراهہ خير آهي نہ؟"

ٿورو گهڻو وجهي ڇڙٻيائين "اڙي بابا سڀ خير آهي. همراهہ مڙيئي ملڻ آيو آهي. "موڪل ملي ٻاهر نڪري ڇپائين تہ تون هل ڪمري تي آئون شهر مان ٿورو ڪم لاهي اچان.

در ڪوليم. همراهہ ڪيڪاريو. رواجي ڳالهہ ٻولهہ ڪانپوءِ ٿي ويس. آئون همراهہ کي ڏڪڻ لڳس. ڇڻ نواز ڪان 20 سال وڏو هجي. شڪل شبيهہ ڇڻ نواز پاڻ ويٺو هجي. خبرون چارون ڪيونسين. ادا آئون نواز جو سئوٽ آهيان پر سمجهہ تہ ڳالهہ ساڳي آهي. هڪ گهر جا ياتي آهيون ملڻ آيو آهيانس.

ماني تڪي ڪائي همراهہ روانو ٿيو مون شهر پهچڻ جي ڪئي تہ رات جو موٽيس تہ گس ۾ چاچو رمون مليو چئي "بابل پاڻ وارو يار چاڪ آهي؟"

ها ـها چاچا ڇو؟ آئون تہ چڱو ڀلو ڇڏي ويو آهيانس."

"بس يار مزوئي ڪونهي منجهس. ٻيلي همراهہ دل جو آهي درياهہ سونت ڏئي ئي ڪو نہ ٿو آهيس تہ جهوري ڪمري ۾ گهڙيس تہ رلي مٿان ڪريو ليٽيو پيو آهي.

"نواز طبيعت ٺيڪ اٿئي؟ ڇو ڀلا وٺيو سٽيو پيو آهين؟"

"ڪجهہ ڪونهي. اهڙي ڳالهہ ڪانهي. تون سمهي پئو مون کي ننڊ ايندي تہ سمهي پوندس.

يار ڳالهہ ٻڌ پاڻ دوست آهيون. ڏک سک ۾ گڏ. يارن سان ڪي ليڪا دل ۾ رکڻ اها چڱي ڳالهہ نہ آهي؟هاڻ تون سڄي رات پيو لڇين ۽ آئون ستو پيو هجان. ٻيلي مرس ٿي. جيڪا من ۾ ڳالهہ آهي. سا چئي ڪر تہ جهنجهٽ لهي. رڳو ڳجهارت ٿيو پيو آهين آخر ڪهڙي بلا آهي جا ڳهيندي وڃنئي؟

رلي لاهي اٿي ويٺو" اوهين اديب رڳو ڀاڙون هڻڻ ڄاڻو اوهان جي ايڏي ڳجهي ڪانهي جو ماٺو جو ڏک سور هضم ڪري سگهو آخر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڪان سٺو نہ ٿيو چيم ”نواز! بس ڪر بس ڪر نواز“ منهنجا دوست مون تنهنجا ڦٽ اکوڙيا آهن، مون کي معاف ڪر پيارا مون وڏو ڏوهہ ڪيو آهي.

”نہ نہ تنهنجو ڪو بہ ڏوهہ ڪونهي ڏوهہ تہ منهنجو بہ ڪهڙو آهي؟ پر جاني ڪڏهن ڪڏهن مون ڏک سان اکيون ملائي جنگ ڪئي آهي. پر تون چو ٿو ڏکوئين مون کي هي حياتي جو هماليہ پنهنجي سر سر ڪرڻو آهي، جي ست ساري نہ سگهيس تہ پوءِ ڪري پيري پيڪ تي ويندس پر توکي ڪهڙو حق ٿو پهچي منهنجي ذاتي مسئلن ۾ داخل ٿيڻ جو.“

رات نياڳي سڄو وقت تڙپندي رهي لڇندي رهي پرهہ وايو منڊل جي منهن تي سهائي جا ڇنڊا هنيا. هو بيگ ڪٽي وڃڻ لڳو مون وڌي وڃي ٻانهن ۾ هٿ وڌس. ”مون کي ڇڏي ڏي وڃڻ ڏي.“

”ڏس پهرين توکي چيو هيم تہ هاڻي پاڻ گڏ رهي نہ سگهنداسين پلا مان پنهنجي حياتي جو بار ٻين تي ڇو ڪيرايان جي دوست آهين، همدرد آهين تہ پوءِ سمجهہ پل اپل لاءِ مليا هئاسين ۽ واچوڙن ۾ وڇڙي وياسين وري ڪنهن لهڙي ۾ ملياسين تہ واهہ نہ تہ بہ موڪلاڻي،--- ياروياري“

هو وڌندو ويو. هڪ قدم بہ قدم فاصلا وڌيا ويا. منهنجا حواس ڪم ڇڏيندا ويا. احساسن جون سرحدون ختم ٿي ويون.

❋❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار بک مرڻ لڳا.

ويجهي مائٽن ۾ ڳجهيون ڳالهيون هليون پر هڻ اڳي وانگر الهڙ نينگ ٽپا ڏيندڙ هرڻي ڪا نه هئي جو پتو نه پويس، "وجهندم ڪو پيو ڳٽُ ڳچيءَ ۾ پيو ته ڪونهي باقي هي حاجي رمون پيو اڳيان ٿئي، ان سان ته ڪو نه ٿا ڦاسائن" ٿيو به ائين شام جو ماٺيو مڙيا، نه ونواهه پڌو نه ساٿ، نه سنوڻ نه ئي ڳيچ ڳائي ڪيس ڪپڙا پارايا ويا. وري ساڳيو چڱو مڙس آيو "اڄ وري منهنجو واڪ ڏيڻ آيو آهي" ساڳيو سوال، "امان ڦاپل وارث ڪنهن کي ٿي ڪرين؟ وري به ساڳي سوچ "اڄ منهنجو وارث ڪير آهي؟"" نه پاءُ آهي نه پيءُ.

جواب ۾ اوچنگارون ڇٽي جنهن سان ئي معصوم اوچنگارون شامل ٿي ستن آسمانن مان زوزاٽ ڪندي هليون ويون. چڱو مڙس جنهن جو پيٽ ايريا وڏائي ويو هو پيٽ سيٽيندي "امان آئون توسان آهيان وارث ڪنهن کي ٿي ڪرين؟"

ڪاڪ مون نانگي جو ڪير آهي، تون ئي ڪٽي ٿي!!

نڪاح پڙهيو ويو سندس پيئي مجازي خدا جا ڏند به ڪري پيا آهن، دادو ملي ڪان ڏهاڪو سال وڏو آهي، هي به مرڻ ڪنڌي تي آهي.

هن ڪان سنو ٿيندو ڪريان پاڻ کي پورو سورن ڪان ڇٽي پوان، ذهني ولوڙ تيز ٿيندي وڃي، پر ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ هو ڪيئن جيئندا؟....نه پنهنجي ڪري هنن جي زندگي تباهه نه ڪندس، جيئرو رهي ڪين جيئڻ سيکاريندس، سندن حياتي پاڻ وانگي وهه نه ڪنديس، ڪين صحيح دڳ لائيندس پورهيو ڪري ڪين پڙهائيندس.

❋❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنل نيڻ

ماڻهن جو ميڙاڪو آهي، فائيل هٿن ۾ اوسيئڙي جي ڪوهيڙي ۾ وڪوڙيل آهن، جنهن مهل به پٽيوالو نالو ونڻ لاءِ ڏانهنس منهن ڪري پڪاري ٿو سيني جا ڳاٽ اوڏانهن کڄيو وڃن، ڪن پٽيوالي جي رنڀ ٻڌڻ لاءِ ڪڙا ٿيو وڃن. پٽيوالو واري واري سان سيني کي پڪاريندو اندر موڪليندو وڃي.

جن وٽ ڪن وزنائتن ماڻهن جا هٿ اکر آهن، تن جي منهن تي سرهائي آهي، جن وٽ ڪو جئيڪ ڪونهي تن تي نراسائي جو راڄ آهي. انور به انهن اياڻن مان آهي، جن وٽ ڪو جئيڪ ڪونهي، سڀ اوسيئڙي ۾ آهن، انٽرويو جي سڏ لاءِ.

هو به گهران سليماني چانهه سان اٿيي ماني جو اڌ گراهه ڳڙڪائي اچي ويٺو هو نمبر اچڻ جي انتظار ۾.

هي انٽرويوز جا سلسلا ڪڏهن کٽندا. پائو به هاٽي تنگ تي پيو آهي، رات به ڪاوڙجي پيو چئي پيو "اهڙو سون ئي گهوريو جو ڪن چڻي. پڙهيو ڳڙگو آهين، ٻيٺو اسان تي چٽي، هاڻ توڪان مزدوري به ڪا نه ٿيندي"

سچ ته چيائين پئي، جي ننڍي لاڪون مزدوري تي هريل هجان ها ته ادا سان گڏ ڳوٺيون ڏويو پيو پيٽ گذر ڪريان ها....چڙ .....پيار....نفرت....قرب.... اهي سڀ انسان جي فطرت آهن، جنهن ۾ اهي جذبا ناهن هو انسان ته نه سڏبو."

پنن تي هٿ لڳس، مڙي ڏٺائين، " هلو نواز".

" انور پلا ڏي خبر ٿيندو سڏ سرڪار جو يا اتيئي مري ويندا سين."

" بس يار مئا ٿيا جيئرن وس، وس وارا آهن."

"يار ماٺهو تہ تمام گهڻا آهن، جايون گهٽيون آهن، توکي خبر آهي پر توالاءِ ڇالاءِ اپلاءِ ڪيو آهي."

"مون هيلپر لاءِ درخواست ڏني آهي. هاڻ ڏس تہ ڪلارڪي جون جايون آهن اٺ. ساڍا چار سئو اميدوار پوءِ اسان جهڙا مسڪين ڪٿان آٽين سفارش."

"اڙي بابا ڪم اڳيئي لٿا پيا آهن. مڙئي فارملٽي پوري ڪرڻي، پر توسان خير، ڇو هيلپر لاءِ؟ پوءِ هي ڊگريون ڪڏهن ڪم اينديون؟"

"بس بيلي ڊگرين جي آسري ۾ بک تہ ناهي مرڻو پيو تہ سڀ ڪجھ آهي جئيڪ سان، پاڻ نانگا ماڻهو تن جي پارت بہ ڪير ڪندو."

پٽيوالي رڙ ڪئي "انور پٽ عارب سمون."

فائيل ڪيچ ۾ ڪري اندر گهڙيو انٽريو ڪميٽي جي هڪ ميمبر اصلي سرٽيفڪيٽ گهريس.

(انور پٽ عارب سمون) ايم. اي اڪانامڪس، فرسٽ ڪلاس... ايم اي سنڌي فرسٽ ڪلاس)

صاحب جون اکيون شيڪجي ويون. "اڙي بابا هي ڇا ٿو ڪرين؟ تون پوسٽ گريجوئيٽ ماڻهو هيلپري ٿو ڪرين؟

"بس سائين شل ان لائق بہ سمجهيو وڃان."

"پر بابا اها اسان جي اداري جي بيعزتي آهي، ايڏو ڪواليفائيڊ ماڻهو هيلپر هجي، جڏهن تہ گهٽ پڙهيل آفيسر هجن."

"سر تعليم کي مان گذر جو وسيلو نٿو سمجهان، مون کي پيٽ گذر گهرجي. آفيسر ٿيڻ لاءِ ڪنهن معتبر ماڻهو جي نوازش ضروري آهي، ان نعمت کان محروم آهيان آئون ان ۾ پنهنجي عزت سمجهان ٿو تہ محنت مزدوري ڪري بہ گرهہ پيٽ ۾ وجهان.

چيئرمين گهنڊ وجهي چوڻ لڳو "نيڪ آهي توکي نوڪري سان ڪم ان جو ذمو مان ٿو ڪٽان، جڏهن بہ تنهنجي لياقت موجب ڪا جاءِ ٿي پهرين توکي آرڊر ملندو، باقي اڄ تہ لوئر ڪلاس جا انٽرويو پيا ڪريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندو وڃي، ڏرتي سندس هر قدم تي ڪنجهي ٿي پئي.

گهر... جتي ٻڪ آهي جا واڪا پئي ڪري، ڀاتي آهن جن جي انگ تي سگهو ڪپڙو ڪونهي. پونگي.... جنهن ۾ سيءُ جو جهلو ڪونهي، اونهاري لُڪ لوساتيو ڇڏي.

شام جو ڀاڻنس چائنٽ ٽپيو. مٽس نگاهه پوندي پڇي ويو "انور ڇا ٿيو تنهنجي انٽرويو جو" رڳو هڪ پيرو چتائي ڏٺو ۽ اکيون پيرن ۾ اٽڪائي ڇڏيائينس.

ڀاڻس سمجهي ويو. جذبن ڪاڏي، ڪاوڙ جا ڪڙا ٽٽي پيا "پرواهه ناهي، بابا تون گهٻراءِ نه اجان ٻانهن ۾ ٻَل آهي، ڏکيا سکيا ڏينهن گذري ويندا..... ويندا لڙهي".

ويجهو اچي ڪلهي تي هٿ رکيائينس ٻنهي جي ماٺڪين مان ٻه ٻه لڙڪ لڙيا، ڏرتي ڳُهي ويئي. پنل نيٽن سان هڪٻئي ڏانهن ڏٺائون، پنهنجائپ جو سنڌو چوليون هڻڻ لڳو ۽ ٻئي ٻڪين پئجي ويا.

❊❊

هن وري به ليلايو هو "ادا آئون به اوهان جو پاءُ آهيان مون موري پنن سوڌي اوهان حوالي ڪئي، منهنجو پٽ اجا معصوم آهي، جڏهوڪا مينهن تڏهوڪا پاڻي پر ساماٽل نياٽيون ڪيڏانهن ڪندس؟ مڙيئي گهٽ وڌ ڪيو مون کي پاڻ سان ڳنڍيو اوهان کان سواءِ ٻيو ڪير آهي منهنجو؟ ڏاريا نيٺ ڏاريا آهن."

پٺهس نه مڃيو ته نه مڃيو "بابا اسان ٻار ننڍي هوندي نالي ڪري ڇڏيا آهن سو ڳار ڪو نه ڪٽنداسين، توکي موڪل آهي ٻيو به راڄ نهار جتي لائق لڳو تيئي ٻار لاهي ڇڏيو اسان وٽ گهٽي ڪونهي، ٻيا به پائر آهن، ڪوڪولهي ته ڪو نه آهي."

پاڳل جو پيءُ روئي اٿيو هو ۽ ٻي ڏينهن ٽپڙ وڏا هٿائين ڊڳي ڳاڏي ۾، درياهه ڏڪ به ڪو نه جهليس وڃي سيري وسايائين سندس ست پير پيڙهين جي ڪا پراڻي مائيٽي ڳولهي پاڳل جو سڱ ڏيئي ڇڏيائين.

پوءِ ميرل اهي ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گهاريا، راتيون رهزن ٿي پيون، پاڳل جي پرڻجڻ جو ٻڌي اندر ئي اندر ڀسم ٿي ويو هو. ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍيائين، ڪري به ڇا پاڳل ڪوهين ڏور سندس ويرين ۾ وڃي سهڙي، جن سانگ رچايا هئا، اهي ڳالهيون به سندس ڪن پيون ته سندس ٻوتو ٺاهي جتيءَ سان لائون ڏياريون ويون. دل جلائڻ لاءِ اهي خبرون به قاصدن وسيلي پهچنديون هيون، من ئي من ۾ رجهندو پچندو رهيو.

نيٺ راڄوٽي ٺاهه ٿيو پاڳل جا سهرا. پٺهس سانڍ پاءُ پلاند ڪري پرچي ويا، راڄن ٺاهي ڇڏيا.

هيل وس وٺي ته پاڳل جو مڙس به مال ڪاهي سندس سهري جي گهر ۾ اچي وينو هو سندس دل ويتر ويران ۽ پڙپانگ ٿي پيئي هئي.

ان ڏينهن پاڳل سندس گهر لنگهي آئي هئي ته پاڻ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر هليو ويو هو.پاڳل ڪيس ڪاريون ڪجل پاتل اکيون ڪٽي ڏسندي رهي هئي، مٿس ايتري همت جو هئي جو نيڻ ڪٽي نهاري، شام جو ماٺهر چنڊ ڪڍي هيس "ابا صفا حيات ڇڏي ويو آهين، ڪا

نياڻي سياڻي اڳڻ تہ اڃي تہ ان کي هٿ تہ ٿهيو پليڪار بہ ڇڻي"

"منهنجي پليڪار نہ ڏيڻ سان ڪنهن جو ڪو مان لهي پيو ڇا؟""
اڙي ابا جوان جماڻ اچي ٿيا آهيو پر عقل ٽڪي جو بہ ڪو نہ اٿو" هوءَ ويچاري پاڳل ورهين ڪرهين پير پري آئي سا ڏک ڪڍي ويهي رهي چي "ماسي مون پٽهين جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو گهر آئي پليڪار بہ نہ ڏنائيان؟ ويچاريون هتان تہ هونئن ئي تڙجي نڪتيون، وڃي پرايا گهر وساياڻون سندن لکيو جيئن بہ ٿيو پر جيڪو وقت هتي آهن جو اسان سندس دل تہ نہ پڇون، "امان پلا مڙس سان ٺهي جڙي ويٺي آهي.؟"

"ابا اهي ڳالهيون ئي نہ پڇ ڪهڙا ٺهڻ، مڙيئي پيئي ڏورڻا ڏئي، مئو موالي پيو سلفي،تنگ تنگ تي چاڙهي پيو آهي نہ مال جي نہ وجهہ جي، بس پاڳ تہ نياڻي جا. جو ان چرسي سان انگ اڙيس نہ تہ پاڳل جي جتيءَ برابر بہ ڪونهي."

ماڻهس جي ڳالهين هيڪاري دونهن ڏيئي ڇڏيا. پاڳل لاءِ همدردي تي پئي هيس، پاڙيائپ تي جک اچڻ لڳس پر مون کيس پليڪار ڇو نہ ڏني؟... ڪيڏا تہ قرب هئا ساڻس، ننڍپڻ ڪيڏو نہ حسين سپنو آهي، هڪ خواب جہ منهنجي سڪون جو ويري ٿي پيو آهي، پاڳل جي پيار جا پاڇا سندس نٿهڻ اُس جهڙي حياتي تي ڇانورو ٿي بيهي رهيا. پڻهس جي هٿ ڏرمي تي چڙ اچڻ لڳس، چاچا جي ڏيءَ تہ اجا پوتي بہ نہ سنيالي آهي، نہ ئي منهنجو ڪو ساڻس سبنڌ آهي. سڄي رات اهو سوچي گهٽيل سڏڪا پري سڄي رات گذاريندو آهي. اڄ رات بہ سندس سوچن جو سفر شروع ٿي چڪو هو چنڊ چڙهي مٿي آيو هو جڳ سندن سپنن جي واس ۾ ويڙهجي ويو هو پر سندس ننڊ پري ڪو پرديس وسائي ويٺي هئي.

سندس دل جي ديوي ورهيہ وڇڙڻ ڪانپوءِ سندس پاڙو وسايو هو. بس وچ ۾ سندس چاچي جي ويڙهي ڪانپوءِ پاڳل جو گهر هو هوءَ بہ ساريندي هوندي يا وساري ڇڏيائين. اُهي گهڙيون جڏهن ٻنهي سان ساهہ گڏ کڄندا هئا. اکيون اکين ۾ اٽڪائي پنبڻين ۾ پيغام ڏنا هٿائين، ٻنهي جون دليون گڏ ڌڙڪنديون هيون، پر هاڻي ڇا ٿيندو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياڳل، هاڻي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. تون ٿي ڪنهنجي آهين. پوءِ بہ تنهنجي ياد ٻرڙيي بڻجي من ۾ ٽنبي پيئي آهي. تنهنجي اڪير منهنجو من وياڪل ڪري وڌو آهي، اندر اجايل آهي. دل ولر ڪان وڇڙيل ڪونج آهي، جا ٻن ٻن پٽڪي رهي آهي. الائي ڇو اهو احساس ٿيندو آهي تہ تون منهنجي آهين. وقتي طور مونکان ڪسجي وئي آهين. تون رڳو منهنجي آهين بس لڳندو اٿم تون اڄ بہ منهنجي وجود جي ذري ذري ۾ سمايل آهين. تون هوا جي جهوٽي ۾ شامل ٿي وجود کي وڪوڙي وڃين ٿي. چانڊوڪي بہ تنهنجو ئي روپ آهي، جا روح ۾ رچي وڃي ٿي، جي ڏکڻ جي هير گهلي ٿي تنهنجو سڳنڌ ڪٺي ٿي اچي، تو منهنجي احساسن جي هر تار ڇيڙي ڇڏي آهي.

اڌ ڪان مٿي رات لڙي چڪي هئي، سندس اکيون پورجي رهيون هيون پر اندر ۾ ٻارڻ ٻري چڪا هئا. ساروڻين ۾ ياڳل سان روح رهاڻيون ڪري رهيو هو ڪن لاءِ هن ڪا سرهائي محسوس ڪئي. چانڊوڪي ۾ هوءَ پير پير ۾ ڏيئي ڏانهس وڌي رهي هئي. ٿڌي سهائي ۾ هوءَ بهار جي جهوٽي وانگر سندس وجود کي ڇهي وڃي ٿي ۽ دل ۾ سر منڊل جا سڀ سر ڇيڙي ٿي ڇڏي. سندس مٿي تي ڇهاءُ محسوس ڪيائين. هٿ نازڪ، ڪاراين ۾ پيل چوڙين جو ڇڻڪاٽ جلترنگ پيدا ڪريو ڇڏي. سندن ساهن ۾ ڪا سرهاڻ سمائجي ويئي، دل ۾ هڪ آس ڪر ڪنئي تہ ٻانهن ورائي کيس ياڪر ۾ پري ڇڏي، ساهن ۾ سمائي ڇڏي، هوءَ صرف منهنجي آهي، ياڳل توکي ڪو بہ مونکان ڪسي نٿو سگهي، ڪو بہ نہ....

هن ٻانهن ڊگهيري کيس ياڪر ۾ پرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڇرڪ نڪري ويس، خالي ٻانهون هوا جي جهوٽن ۾ وڇڙي پاڻ ۾ ملي ويون.

دل ٻڏڻ لڳس، لڳ وسامجي ويس، ٿڌو ساهہ پري سانيتي وايو منڊل ۾ شوڪارو ڇڏيائين تہ وجود هلڪو ٿي پيس.

رات اجا مس گذري آهي ۽ هو لوڪ ستي وري چانڊوڪي رات ۾ ياڳل جي ويڙهي ڏانهن اکيون اٽڪائي ٿو ڇڏي، ننڊ جي ديوي وڃي پرديس وسايو آهي، رات آهي، جا ڪٽي ئي نٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**

موڪلي ڏينداسين. وري ليلڙاٽ ڪرڻ لڳي تہ فون بند ٿي ويئي، ائين پلصراط تان لنگهندي بہ ڏينهن گذري ويا. وري نہ تہ ڳالهہ ٻولهہ دلبر جا مائٽ راڃن ڳوٺن ۾ ڪاهي پيا. منٿون ميڙ وس وارن کي پٽڪا پلاند پر ڪاري وارا ڪک، بيوسي، لاچاري جي وير سڄي ويڙهي کي وڪوڙي وئي. ڏهہ ڏينهن گذري ويا ڏهہ صديون هيون، دلبر جي ماءُ ٻنهي جا بہ ايڪڙ ٻيگهڙن مٿ تي ڪپائي ڇڏيا، گذر سفر جو آخري ذريعو اهو بہ پورو ٿيو. موبائيل جي رنگ تي دلبر جي ماءُ اتاولي ٿي بٽڻ دٻايو "جي بابا منهنجا دلبر تون آهين"

"امان تون اجايو پريشان نہ ٿي، آئون ٺيڪ آهيان" ۽ دلبر جو آواز ڪنجي ويو.

ساڳيو ڪرو ۾ لفظن جا گولا اڇليندڙ باهوڙو" ها پوڙهي ڇا ٿيو پٽ ڪان پئسا مٿي ٿا ڪريو؟"

"اڙي منهنجا ٻچا دلبر تان اسان جي دنيا قربان پر هڻ ۾ هجي تہ...."

وري ساڳي ٻڪ، ميسٽي اها مِڻ مِڻ تنهنجي پٽ جو سر وڃائيندي"

"بابا هي پير جو پلاند، هي پيرن تي هٿ، اسان تي لک مس گڏ ڪيا آهن، بس هاڻ اسان جي وس ۾ ناهي توکي الله ڪو رحم دل ۾ وجهي، تنهنجي بہ تہ ماءُ هوندي؟"

"ماءُ جو واسطو نہ وجهہ، اسين هيئنر جنهن باهہ مان پيا لنگهون اها اسان کي خبر آهي، حياتي تي پل جو پورو ناهي متان اسان سان گڏ تنهنجو پٽ بہ باهہ ۾ پسم ٿي وڃي. چڱو ٻڌ... تنهنجي رڙين بہ منهنجي دل وڍي وڌي آهي، منهنجي ماءُ بہ ائين رڙي مري وئي، هاڻ اوهان وٽ جيڪي ڏوڪڙ آهن، تيار رکو پر ڪنهن کي بہ ڪل نہ پئي توکانسواءِ گهر جي ياتي کي بہ نہ، توکي دلبر ملي ويندو ۽ ڏوڪڙ تيار رک"

ٻيلا ٻري رهيا هئا، گوليون گرجي رهيون هيون، دلبر جي ماءُ دل ۾ چاغي جا جبل ٻري پسم ٿي ويا هئا. رڳو رک ئي رک، ٻئي ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موبائل پونڪي پرھ ڦٽي مھل سنڌس اکين ۾ الڪا ايئن اٿڪي پيا
ھئا جو چنيڻ چڏي ڏنو ھئائون. اجا ڳوٺ ڳھراٽيل ھو.

" امان اچ گھر جي پنيان نم جي وڻ ھيٺان اچ " دلبر جي ماءُ ڳنڍ
ڪنئي، چپ چاپ پير پير ۾ ڏئي گھر کان ٻاھر نم جي ھيٺ پھتي ته
پاڇولا. ھڪ پاڇولو ٻوڙي چنبڙي ويس " او امان او جيجل، اي منھنجا
دلبر تون اي رب منھنجا رب ڪٿي خواب نہ تي ڏسان" پويان بيو
پاڇولو آيو دلبر جي ماءُ ڳنڍ ڪٽي ھٿ ۾ ڏنس،"

" اي بابلا منھنجا لک لائق ھي پورا ٿي لک آھن پر تو مون تي وڏو
احسان ڪيو آھي."

پاڇولي جي ھٿن ۾ اجرڪ ھئي جا سنڌس مٿي تان ورائي سنڌس
پيرن تي رکيائين ۽ ھڙ واپس ڏيندي رڳو ايترو چيائين: " امان تون به
منھنجي مومل ماءُ آھين، بس آئون تنھنجو پٽ آھيان، رڳو دعا
ڪجانءِ ھن دل جي ڪنھن ڪنڊ ۾ ماءُ جي محبت جو تو تالو کوليو
آھي، بس تون جيڪو پوڳيو اھو معاف ڪجانءِ، دعا ڪجانءِ علي
علي" ۽ پاڇولو پرھ ڦُٽي جي ھلڪي سوائي ۾ اڳتي وڌي ويو. دلبر ماءُ
سان گڏ گھر ڏانھن وڌيو ماڻھس جي دل ۾ سانوڻ مينھن رم جھم وسڻ
لڳو اوچتو زودار تڪاءُ ٿيا. سڄو ماحول ڏماڪن سان ڀري پيو سڄو
ڳوٺ جاڳي پيو دلبر جي ماءُ جي دل وري وسامي وئي.

صبح جو سڄي ڳوٺ ۾ ھل ھنگامو ھو تہ بدنام ڌاڙيل بادل سمون
مارجي ويو. سنڌس ساٿي فرار ٿي ويا) دلبر ماءُ جي دل ۾ ڏماڪو ٿيو ۽
ڪيھ ڪَري ڪِري پئي جڻ جائي ئي ڪا نہ ھئي ۽ سنڌس ساھ جو
پکيئڙو پرواز ڪري ويو.

**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيون رنگ رتول

شهر ۾ هڪ ئي شخص هو جنهن لنگهندو هو ته ڪل جا تاڙهيا هوندا هئا. سڄو شهر پاسي ۾ قاسو اڪيلو سيني سان چرچا گهڻا ڪندو هو اندر ساڙيندو هو دل تي داغ ڏيندو هو ۽ ڪل پوڻ ۾ ڪرو سچ چوندو ويندو هو پر شهر لاءِ وڏي وندر هو.

قاسو هو به عجيب شيءِ.. رُڌ ڪارو ڪٺڇي، نڪ ڦونداريل، قد اڌڙ ٿلهو جهڙو پاڏو وري جي ملاڪڙي ۾ لٿو ته ملهن جا مُنهن ئي لهي ويندا. جي هلڪو ڦلڪو هوندو ته بيٺي بيٺي اڇلائي ڇڏيندس، جي ڏکيو ملهه پلئه پيس ته مُنڊ ڏيئي پري بيهاري ڇڏيندس، رات ٿي وڃي پر نبري نه سگهندا. ملهن لاءِ نڪاڻ اصل ٽيپ، ملهه هٿ ڪٽي پٽيندا هئس"بابا هيءَ تي وهٽ آهي، هن کي ڪو خدا پڇي"

هڪ ڀيري رئيس وليداد جي جيپ سامهون بيهي رهيو. عجيب ماڻا تاڻا، ڇُري ئي نه. رئيس هڪل ڪيس، "اڙي سوئر جا پٽ! اڳيان هٽ. نه ته مٿان چاڙهي ڇڏيندوسانءِ." قاسو مستيءَ مان چئي "رئيس سئو جو نوٽ ڏئي، نه ته اڄ جيپ نه چرندي، جيپ روڪيندس."

"اڙي جانور! تون جيپ روڪيندين. پيٽا ماٺهو جو ڦر ٿي، پُڪ ڪري ڇڏيندوسانءِ"

"بس بابا سائين! اڄ جيپ نه ڇُري، زور لڳائي ڏس"

ماڻهن جا ميڙ گڏ ٿي ويا. رئيس وليداد کي به جوش اچي ويو. "چڱو هي راڄ ٿا ٻڌن جيپ کي روڪي وڃين توکي هزار رپيا ڏيندس"

قاسو پت کي پُٺ ڏيئي رئيس کي هڪل ڪئي، "ڪاهي اچ جيپ" جيپ آهستي آهستي پوري زور سان وڏندي ويجهي آئي. قاسوءَ ٻئي پير جيپ جي بمپر تي ڦٻائي رئيس کي هڪل ڪئي، "هلي آ رئيس وليداد لڳاءِ

زور“

رئيس ڦيرين گيئر وجهي ايڪسيليٽر تي دٻاءُ وڌو جيپ جا ڦيٿا ڦرڻ لڳا، رڳو ڌُوڙ اڏامندي رهي، جيپ انچ بہ اڳتي نہ وڌي سگهي، قاسو نعرا هڻڻ لڳو ”علي حيدر مولا ڏي قادر قلندر“ بدن شيڪجي ويس، شيهو ٻڏجي ويو اکين مان تاندا نڪرڻ لڳس.

رئيس نئين سر فور ويل گيئر مٽايو ۽ لڙڪيل مُڇين کي تاءُ ڏيئي ايڪسيليٽر کي زور ڏنو ۽ جيپ جهٽڪو هڻيو مٽي تي وري اچي زمين تي لڳي، چار ئي ڦيٿا چرڙاٽ ڪري ڌوڙ اڏائڻ لڳا. ماڻهن جي ميڙ ۾ هوڪرا پئجي ويا. رئيس جي منهن جو رنگ ئي ڦري ويو. قاسوءَ جا نعرا آسمان تائين گونجڻ لڳا ”علي حيدر قلندر مست.“

رئيس وليداد جيپ هٽائي پٽ تي ٽپ ڏيئي لٿو. قاسو گوڏن ڀر ويهي ڪنڌ هيٺ ڪيو رت جي الٽي اچي ويس. وات ٻانهن جي ڪف سان اُگهندي، شينهن وانگي ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو. رئيس وليداد ڀاڪر ۾ ڀري ٻہ هزار جا نوٽ ڪڍي کيسي ۾ وڌائينس ۽ ماڻهن بہ مٿس نوٽ وسائي ڇڏيا.

اهي ڏينهن اهي شينهن قاسوءَ جي اندر ۾ ولوڙا ڇي ويئي، سڄو لڙهي ويو اندر اندر ڀُرڻ لڳو.

ڊاڪٽر لڇمڻ شهر جو ڏاهو طبيب ۽ قاسوءَ جي چرچن ڀوڳن تي تمام گهڻو خوش ٿيندو هو. ڊاڪٽر سندس لُڙهندڙ وهيءَ جي لاءِ وڏو وسيلو ٿي ويو. علاج شروع ٿيو تہ قاسو بہ ڪجهہ ساهہ پٽيو پوءِ ڊاڪٽر لڇمڻ جي اسپتال هجي يا اوطاق قاسوءَ جي ڪچهري تي اوج هوندي هئي. ڪافي سفيد پوش ماڻهو ڊاڪٽر وٽ اچي مڙندا هئا. قاسو محفل جو مور بڻيو وينو هوندو هو وقت جي وير. واري جيئڻ وهندي رهي قاسوءَ وچي لياري وسائي ۽ اباڻي گهر ۾ رهي پيو. شادي بہ ڪيائين. ڏهاڪو سال ڪراچي جي گُهٽ ٻُوسٽ ۾ جڏهن گهٽجي گهٽجي ساهہ منجهڻ لڳس تہ وري ڀُراڻي ماڳ ڏانهن وريو سڄو شهر ڇنبڙي ويس. ڪي ڏوراپا ڏيڻ لڳس. ڪي بيوفا چوڻ لڳس پر قاسو بہ ساڳيو نہ رهيو هو. ڳري مٽ ٿي ويو هو. هيٺو هيٺو نبل پئي لڳو پر جتي ويهي ماڻهن جا ميڙ گڏ ۽ خاص ڪري ڊاڪٽر لڇمڻ وٽ وڏي ڪچهري مچڻ لڳي. قاسوءَ وٽ بہ ڳالهين جون ڳوٽيون. ڊاڪٽر چيس ”قاسو ڀلا ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون بہ ڪو نہ. بيٺو هئس. ڪاسائي ماڻهن جا ڪيسا خالي ڪري ڇڏيا. الاهي تہ هار پيس اسين شيدي هوندئن بہ اوهان کي وڻون ڪونہ ويتر ٽنگون ڪٽائي ويٺس. بس واندو ٿيو تہ هڪل ڪئي مانس. جوان ٽپا ڏيندو ڪڏندو هليو آيو. هٿ پيا. اندر ۾ باهہ پئي ٻري. ڪچو ڪائي وڃانس نہ. بس هن گوڏو ڪوڙيو ۽ منهنجي الله ٻڌي. اتان ئي هٿن تان ڪٽي ويو مانس پري جهلي اچي گهمايومانس يڪو چڪر. مون کي بہ ڦيري اچڻ لڳي. نيٺ جو ڪٽي اڇلايو مانس. نہ جهڙي لڌ مان مهري ڪري پئي. ساهہ نہ پساهہ. جيڪو سِيرو ڪائي آيو هو. سو بہ وات مان وهي هليس.

پوءِ ڇا ٿو سمجهين! فقيرن "ٺائو" وڄايو. اسان جي دل بہ اٿي ويئي سڀ پهلوان ڳلهن تي ڪٽي پڙ ۾ گهمائڻ لڳا. نوٽن جا مينهن وسي پيا. آخري ملاکڙي تي آياسين تہ ابا ڪاسائي گم! خبر پئي تہ وڃي اسپتال داخل ٿيو. وري ملهہ وڙهندي نہ ڏٺوسين.

ڊاڪٽر لڇمڻ ڏنبو وهائي ڪڍيس، "ها سائين! شينهن کي ڪير چوي تہ تنهنجي وات ۾ ڏپ!!".

"ڊاڪٽر مولا علي جو قسم. بلڪل سچ ٿو چوان"

"ڇڏ ٻناڪ. ڪي ڪل پوڳ جون ڳالهيون بہ ٻڌاءِ"

يار توکي هٿ لڳا ناهن. ٻڌا! هڪ پيري تنئي محمد خان. مائٽن ۾ گهمڻ ويس. اڃا ٻنور ڇورو هجان. دڪان تي ويٺو هجان تہ ٻہ ٽي ناهوڪڙا ڇوڪرا هجن. ڪُٽي ڪنئين. ڦري اچي بيٺا. "اڙي ڪير آهين؟" مون بہ ڪنڌ ۾ ور وجهي چيو "سيد آهيان" وري ڪلن. "اڙي شيدي، شيدي جا پٽ سيد ٿو سڏائين!"

چيم "ڏسو ٿا شيدي آهيان. وڏا لوسي آهيو پوءِ پڇو آڳوٽي لاءِ ٿا!؟" هٿن مان پڇي ويا. چون "بابا هي ترهيو حرامي آهي "

سندس ڳالهيون مزيدار ٿئي: "ماتلي ويجهو مائٽن جي شادي هجي، ڄڃ ڏهگي گاڏين تي ويٺي، پرپرو ڳوٺ هو اوڏانهن پيا وڃون. اڳيان موريءَ تي ٻہ ٽي همراهہ گس جهليو بيٺا هجن. هڪل ڪيائون. "ياٺو اهي لاهن جون گاڏيون ڪيڏانهن ٿا پريو وڃو!؟" "اسان جا همراهہ ٻار ٻچا گڏ هئڻ سبب چپ رهيا. وري رهن نہ. چون: "يلا انهن سان رات جو سمهو ڪيئن ٿا؟" آئون

لهي پيس، همراهه ڏسڻ لڳا. چيم: "پائو رات جو رلهي وجهيو ڇڏيون پوءِ جهڙا اوهان جي گهر ۾ ويٺا آهيون" لنيون اپيون ٽي وبون، پجي جان ڇڏايم. هڪ ڏينهن قاسو ٻارڙي کي ڊاڪٽر وٽ وٺي آيو ڊاڪٽر، ٻار ڏسي وري قاسوءَ کي ڏسي جهڙو گلاب جو گل، ڪير جهڙو نڪ نيڻ، تمام خوبصورت، وار به صفا سڌا ۽ وچان سينڌ نڪتل.

"اڙي قاسوءَ جا ٻچا ڪنهن جو ٻار چورائي آيو آهين؟"

قاسوءَ کي جهُبو ته اچي ويو "سائين پنهنجو ٻچڙو آهي، خدا وڙ ڪيا، هڪ نياڻي ۽ اهو هڪڙو پٽڙو آهي"

ڊاڪٽر لڇمڻ کي وارو ملي ويو "قاسو دل ۾ نه ڪرين ته، ٻار تنهنجو ناهي، مڙيئي ياجائيءَ پنهنجي همت ڪئي آهي!"

قاسو ڏک پچائي ويو. "واهه ڊاڪٽر واهه جي تو ٻڌائين، سهڻا ٻار اسان جا نتا ٽي سگهن، رڳو اوهان وڏن ماڻهن نيڪو ڪنيو آهي!"

ڊاڪٽر وري دل تي چنڊبو رکيس. "بابا قاسو! اجايو پاڻي مان نه نڪر، ڪل يوڳ پيا ڪريون، قدرت جا رنگ آهن، ڪڏهن محل به ٿميو پون، تون ورې به غريب جو ٻار آهين، ڪراچي ته سمنڊ آهي، وڏين حويلين ۾ به ڪڏهن شيدين جهڙا ٻار ڄميو پون" ورې ٿهڪڙن جا ٺاڪوڙا، قاسو ڏک پچائي ورې وار ڪيو" سائين اسين ته سڄي ڄمار اوهان وڏن خاندانن جي ونگار وهندا اچون، پيدا ئي اوهان وڏن ماڻهن جا ٻيڙا پار ڪرڻ لاءِ ٿيا آهيون، اوهان به حڪم ڪيو ته حاضر آهيون." ڊاڪٽر لڇمڻ ڳاڙهو ٿي ويو، ٻُجو گهي منهن تي رکيائينس، قاسو پٽ کي گهر ڇڏي آيو، ٻيا ماڻهو به اٿي ويا، قاسو ورې اچي ڊاڪٽر جي سامهون ويٺو ڊاڪٽر کلي پيو" ورې ڇا آهي حرامي!" قاسوءَ جي اکين ۾ پاڻي تري آيو "ڊاڪٽر صاحب تو سان ڪوڙ ناهي، ڳالهه ڇپر ۾ رهي، توهان سچا آهيو ننڍڙو منهنجو پٽ ناهي اهو بلڪل سچ آهي.

"ظالم پوءِ ڪٿان ڪٽي آيو آهين، چورائي ته نه آيو آهين، ڪراچي ڇڏي هتي اچي ويهي رهيو آهين؟"

"نه سائين اها ڳالهه نه آهي، توهان ته ڊاڪٽر آهيو گهرواريءَ کي پهرين ڏيءَ ڄائي، ٻئي پيري ويم ڏاڍو خراب ٿيس، بس نه پُڇ! ڊاڪٽرن وڏي ڪوشش ڪري زال جي زندگي بچائي پر ٻار ضايع ٿي ويو ۽ سڀ ڪان خراب

ڳالهه اها ٿي جو ڊاڪٽر چيو تنهنجي گهرواري اڳتي ماءُ نہ ٿي سگهندي“
ڊاڪٽر گهوري ڏسندو رهيس. ”پوءِ هڪ ڏينهن هيءَ گلاب جهڙو ٻار منهنجي
ماسي دائي کڻي آئي چئي پئي، هڪ وڏي خاندان جي ڪنواري ماءُ هن کي
جنم ڏئي نڙيءَ تي ننهن ڏئي مارينس پيا. مون کيس منٿون ڪري قسم ڏيئي
هن جي جان بچائي آهي. بس هاڻي هن جو ڪو بہ ذڪر نہ ڪريو اوهان جو
ٻچو آهي، هن کي سانڍيو. الله اوهان کي ڏياريو آهي، اسان بہ دل جهلي کڻي
جهوليءَ جهليو.“

ڊاڪٽر جو وات ڦاٽي ويو پاڻ کي آرام ڪرسيءَ تي پٺيرو اڇلائي
ڇڏيائين. اکيون بند ڪري ڪي گهڙيون ٻوڏار ۾ اچي ويو.

قاسوءَ بہ سوچن جي وير ۾ لُڙهندو رهيو. ڊاڪٽر سڏو ٿي ويٺو پوءِ؟

پوءِ اسان جي گهر سڀ محبتون سڀ سچايون. هن تي وڇائي ڇڏيون.
سچو پاڙو مٿس ساهہ ڏيندو اٿس. کيس احساس بہ ٿيڻ نہ ڏيندا آهن تہ هي
ڪو اسان جو پٽ نہ آهي. تمام ذهين آهي. ٻولي بہ اسان جي ڳالهائي ٿو.
منهنجي گهرواري جو تہ منجهس ساهہ آهي. انگل باز بہ وڏو آهي الله وڏو
ڪندس پڙهائي ڊاڪٽر ڪندوسانس. سچ پچ اسان جو روح رهاڻ هن ۾
آهي. ۽ ڊاڪٽر لڇمڻ اٿي بيهي رهيو ٻنهي هٿن سان قاسوءَ کي سلام
ڪيائين. قاسوءَ هيستائين تہ مون رڳو توکي مشڪرو سمجهيو پر تنهنجي
دل ۾ تہ عظيم انسان ويٺو آهي. تون تہ هن دور جو وڏو مسيحا آهين.“ قاسوءَ
کي پاڪُر ۾ پري ڇڏيائين ۽ ٻنهي جون اکيون ساوڻ مينهن جيئن وسڻ
لڳيون.

❊❊

ملڪ کان ٻاهر هر مهيني ڪاروبار سانگي ويٺو پوي ٿو سنگاپور ۾ اڄڪلھ ڪمپني گھڻو انگيج آهي، ٻيا يار بہ گڏ آهن بس گاڏو هلائڻو آهي نہ؟"

ايتري ۾ آفيسر نوٽن جو پيڪيٽ کڻي اچي مٿان ٻينو تماچي اٿي بيٺو" بس سائين زندگي وڏو جھنجھٽ آهي، اسان سان گذاريو ڏينھن ٽي، ريسٽ هائوس تي اڄ سنگت سان ڪچهري آهي، ڊنر ڪنداسين."

" سائين، ايترو شهر کان پري ماحول تہ ڏسو روڊ ڪيڏا نہ خراب آهن؟ بابا پرتي ويجھو ڪِن متي ڦريل مخلوق جي ور چڙهي ويجي ٻيلا وسايون اهو تہ وڏو رسڪ آهي."

" سائين رسڪ ئي زندگي جو حصو آهي، ڊپ حراس ساهہ نپوڙي ڇڏيندو الله خير ڪندو اوهان بي فڪر ٿي اچو."

مئنيجر هٿ ٻڌي " سائين وڏي مهرباني، ڪنهن ٻئي ڀيري اڄ ضروري ڪم بہ آهي، معافي ملي."

تماچي مرڪي وڃي گاڏي ۾ ويٺو گاڏي هلي ڊرائيور کي خاص هدايتون ڏيڻ لڳو " شام جو تياري مڪمل هجي ڪنهن بہ شيءِ جي ڪمي نہ ٿئي بس چار پنج دوست تہ آهن. بندوبست مڪمل هجي."

ڊرائيور ڪنڌ ڌوڻيندو، " جي سر ڳڻتي نہ ڪريو ڪريم وڏو چالاڪ آهي، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو."

" ٻيلا ڪريم کي فون ملاءِ گھڻا پئسا گھرجنس"

ڊرائيور موبائيل تي حال احوال ڪرڻ لڳو

" جي سائين چئي تو پئسا آهن. ڪا ضرورت ڪونهي سڀ ڪجھ ٿي ويندو." "پيٽسان آهي وڏو آڙيڪاپ پر لالچي بہ ناهي" شام ٿيندي تماچي ريسٽ هائوس تي پهچي ويو سڀ نوڪر چاڪر حاضر. جھڪي " سر ويلڪم."

" ها ڪريم ڪم ڪيئن پيو هلي؟"

" سر بلڪل ٺيڪ بجلي جو مسئلو آهي پر جنريٽر اوڪي آهي، ڪو ڪٽڪو نہ ڪيو."

بس هڪ خيال رکجو ڪچهري مهل اوهان هرويرو ٿورا ٿي نہ ويهجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون بيٺل مورتي سن ٿي ويئي صفا پٿر_تماچي وڏي همٿ سان چرڻ چاهيو، وجود ڏڏي ويس، وڏي ڪوشش ڪري پسٽل کڻي ورتائين. ٺڙاڪ گولي چيمبر ۾ چاڙهي بت تي بيٺل مورتي ڏانهن وڌيو پسٽل نراڙ تي رکي سندس اکين سان اکيون ملايائين، اکين مان تانڊا نڪرڻ لڳا. سڄو سهيڙي پسٽل جو ٽريگر دٻائڻ لاءِ آڱر قابو ڪيائين. سامهون بي جان بت، اوچتو پسٽل کڻي پنهنجي لونڊڙيءَ تي رکيائين. "پيڻ عيني تنهنجو ڪو ڏوهه [illegible] ڏوهي آئون آهيان، اوهان جي جذبن جو قاتل آهيان، مونکي جيئڻ جو [illegible] ڪونهي."

جيئن ٽيگر دٻايائين مورتي اُڇل کاڌي ۽ سندس هٿ مان پسٽل ڇڏائجي ويو گولي ڇت ۾ لڳي ڇيت ڪري صوفي ۾ هلي ويئي، عيني پسٽل تي لت رکي بيهي رهي. تماچي جي دماغ مان ڌماڪا نڪري ويا. اکيون ڦوٽارجي ويس اوچتو جنبش ۾ اچي ويو عينيءَ کي ٻانهن مان جهلي ٻاهر نڪتو جيستائين ڪو گوڙ ٿئي سندس پراڊو چررات ڪري اڏامڻ لڳي. عيني سندس پر ۾ بت بڻي ويٺي هئي. پراڊو گاڏي پنڌ کي جهپيندي ڪاري رات ۾ اڏامي رهي هئي ۽ پٺيان بچي اونده انڌڪار_صفا ڪاري رات_پري ريسٽ هائوس ۾ برندڙ بلب پنهنجي جوت وڃائي چڪا هئا.

❊❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اوندهہ ئي اوندهہ

سڄي رات اک نہ پوريائين. طوفاني برسات ڪچو گهر سڄو ٿمي پيو هو. برسات هڪ پل بہ ويساند نہ ڏني. گهر ۾ گاسليٽ بہ ڪو نہ هو ميڻ بتي تيز هوا ۽ طوفان جي سٽ نہ جهلي سگهي، ٻيو ڇت مان پاڻي وٺو پئي، اوندهہ انڌوڪار سومل پٽ تان رلي وجهي پوڙهي سس تان اوڇڻ وجهي پر سڄو هنڌ پُسجي ويو هو. برساتي اوڙڪ رت ٺاري برف ڪري ته ڇڏي هئي اڪيلي زال ذات مڙس گذر سانگي ٻاهر ڪري ته ڇا ڪري؟ مورڳو ڪِرڻ جو وهم ورائي ويس، گهر وري ڪهڙو؟ مٿيءَ جو ڪچو ڪمرو مٿان پڪو برسات ايئن پئي وسي ڄڻ اگهاڙي آسمان هيٺ هجن. هوا جا تيز گهوگهاٽ ۽ عجيب آواز دل کي ڏوڏي تا ڇڏين – رکي رکي ٺڪاءُ ٿئي تہ ڳوٺ ۾ ڪو نہ ڪو گهر ڏهي پوي ٿو وتائنس رڙ نڪري وڃي ٿي "مولا ڪا مهر ڪجان" هر ڪنهن جو خير. ان سان گڏ مون مسڪين جو اڄهو بہ سلامت رکجانءِ، وقت بيهي ويو هو. برسات جا راڳا سڄو ملڪ پاڻي پاڻي هو.

اڪين ۾ الڪا ۽ دل ۾ وسوسا ائين ٿي صبح اچي ٿيو آچر هنڌن جي ڍڳ ۾ ساهہ مٺ ۾ ڪري ساري رات جاڳندو رهيو برسات ڪجهہ جهڪي ٿي آچر پوڙهي ڏاڏيءَ کي ٻانهن مان جهلي اٿاريو. ڏاڏهينس ۾ ست ئي نہ رهيو هو آچر کيس زور ڏيڻ لڳو ماٺهس کي هڪل ڪيائين " "امان ڪو چانهہ ڇڪو. ڏاڏي جي حالت ڏس." ٿاندو ڪٿان اچي؟ سومل اٿي تہ ماس قاپل کان ڪو گاسليٽ لپ وٺي اچان سڄي ڳوٺ ۾ گوڏي جيڏو پاڻي ڪيترائي ڪچا گهر ڪري پيا آهن؟ ڳوٺ وارا پريشان حال آهن، کيس ايندو ڏسي قاپل وڏي آئي "امان سومل خير تہ آهي گهر جو بچاءُ تہ ٿيو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ نہ آيس ڳوٺ مڙئي اچي گڏ ٿيو جيپ ۾ لاش پر ڪنهنجو لاش آهي؟"

حواس سگهہ ڇڏڻ لڳس ۽ هيٺ ڍرڪي ويو اک کليس تہ سندس گهر ۾ کٽ تي لاش رکيو هو. ڳوٺ وارن همت ڏياريس "ابا آچر هوش ڪر سونت ۾ اچ جيڪا رب جي رضا تنهنجو بابو ويچارو تہ ويو هاڻ سڀ بار توتي آهي." سندس اکين اڳيان اوندهہ اچي ويئي پيءُ جي لاش کي چنبڙي پيو ڪفن مان رت چڪي پيو سندس سڄو بدن رت سان پرجي ويو. رت ڪنيو رت ڏسي سندس اکين اڳيان رت ٿي رت سارو جڳ رت ۾ٻڏل نظر آيس. گهر ۾ رڳو دانهون ۽ ڪيهون هيون، ڪيهون جي سنسار جي ٻرائي رهيون هيون ستين آسمان ڏانهن روان دوان دانهن سڄي ڳوٺ کي ڪربلا ڪري ڇڏيو. صبح جو گهر مان بہ لاش گڏ کنيا تہ آچر جو جيءُ جهري پيو پٽهس کي ڪراچي ۾ گوليون هڻي زندگي کسي ويئي هئي پٽ جو ٻڌي سندس ڏاڏي بہ ٿڏي تي دم ڏنو. آچر جي دنيا ۾ چاغي جي جبلن جو ڌماڪو هو سڀ ڪجهہ ڀسم ٿي ويو رڳو اوندهہ انڌوڪار سنڌي قوم جي مستقبل وانگر اونداهو اونداهو مستقبل.

❊❊

# آدرش ٽياس تي ٽنگيل

موڪل جو گهنڊ وڳو ٻوڙي اچي اسڪول بس ۾ چڙهيو. گرمي ۾ سڀ شاگرد پگهرجي ويا هئا. بس جي ڳتيل هنڌن تان هلندي، شاگرد لاهيندي هاڻي ساگر جي ڳوٺ جهڙي محلي لطيف وليج ڏانهن وڌڻ لڳي. باقي ڇهه ڪن شاگرد هئا. نيٺ لطيف وليج اچي ويو. ساگر بس مان لهي گهر ڏانهن وڌيو گهر وري ڪهڙو هڪ ڪمرو ۽ اڳيان ٽين جي ڇت وارو ڇپر ڪنڊ تي ننڍڙو باٿ روم. ٻاهرين در تي ڳوڻ جو ٽنگيل پردو هٽائي اندر گهڙيو ته سندس جيجل وڏي اکير ۽ اڪنڊ سان وڏي ڀاڪر پاتس. اندر اچي اسڪول ڊريس بدلائي سلوار قميص پاتائين ايتري ۾ ماڻهس ماني ٽيبل تي رکي چڪي هئي، هٿ منهن ڌوئي اچي ماءُ جي سامهون ويٺو ماءُ جي اکين ۾ هڪ پيار ۽ پاٻوهه جي اُٿل آئي ڀاڪر ۾ ڀري منيون ڏيڻ لڳس. آخر ساگر ڪانسواءِ دنيا ۾ ٻيو سندس آهي به ڇا؟ سندس پيار ۽ محبت جي آخري نشاني به ساگر ته آهي، سندس وَر جي وڇوڙي جي وڍ ۾ ساگر ڪي ڏسي ڪجهه ساهه ڪڻندي آهي. ساگر ماني ڪائيندي "واهه امان اڄ ٻه ڪئان آيا؟ امان ٻه ته منهنجي ڪمزوري آهن. بابا اڄ تنهنجو مامو سچل ڳوٺان آيو هو ٻه، پلي مڪڻ تولاءِ ڏيئي ويو آهي، " امان مامو مون لاءِ ترسيو ڪو نه؟"" نه بابا ڪو بيمار ماڻهو اسپتال ڪڻي آيو هو وري ان جي علاج لاءِ موٽي ويو."

"ماما وارا به هاڻي ڪڙو ور نڌا ڪن. ڪوڙ وقت ڪان پوءِ "ٿا اچن" پٽ ڏانهن ڏسي وڏي دل جو مظاهرو ڪندي" بابا هاڻي دور اهڙو آهي جو ڪنهن ڪي وقت ملي ڪٿي ٿو؟" سيڪو پنهنجي حياتيءَ جي هڻ هٽان ۾ پورو آهي، تنهنجا ماما ته هاري ماڻهو سڄو ڏينهن ٻني ۽ مال جي پٺيان، ويچارن جو گذر سفر ئي اهڙو آهي اسان ته تنهنجي تعليم ۽ زندگي سنوارڻ لاءِ هتي ئي رهياسين."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها امان هاڻي وقت سيني کي واجھ وجھي چڏيا آهن، پاڻ بہ ڪڏهن وٽن هليا آهيون؟ موڪلن ۾ هلنداسين.“ ”بس هاڻي آرام سان ماني ڪاءِ آئون تولاءِ چانھ ٺاهي وٺان“ چانھ رکي سوچن جي طوفان ۾ گهيرجي وئي ” ساگر جو ڇا ٿيندو؟ آئون اڪيلي عورت وري اپٽ بہ اها پينشن يا ڪو گهر جو هنر رلهي ٺاهڻ. ڪنهن جي ڪپڙن تي پرت پري بہ ڏوڪڙ نصيب ٿين. تعليم ڏياري وڏو سائنسدان ڏسڻ پئي چاهيو هي اٺ درجا بہ مون رت ولوڙي ساگر کي پڙهايو آهي مٽ مائٽ ڇڏيا“ چانھ اپامڻ لڳي تہ هوش آيس.

چانھ کٽي اچي ساگر اڳيان رکيائين ساگر اڻ تڻ ۾ ڪجھ پڇڻ پئي چاهيو”امان....“ ۽ وري چپ، ماڻهس پيار مان چوڻ لڳي ” ها بابلا ڇا ٿو چئين چو رڪجي وئين؟“ ”امان ابا توسان ڪيترو پيار ڪندو هو؟“

” ساگر پٽ اهو سوال ڇو ٿو پڇين؟“ ”بس امان دل چوي ٿي.“ ساگر تنهنجو پيءُ پيار جو ساگر هو سندس محبت کي ڪجي ۽ توري تڪي سگهڻ منهنجي وس ۾ ناهي“ ”بس ساگر هو تہ سيني کي ايڏو پيار ڪندو هو جو سندس رات ڏينهن هر پل هر پهر رڳو پنهنجي قوم لاءِ وقف هو.“

”امان آخر بابا کي ايئن ڇو ماريو ويو؟ چيچلائي شيشن تي سمهاري بجلي جا ڪرنٽ هڻي آخر ڇو ڪهڙو ڏوھ، گناھ ڪيو هو؟“

سوڍيءَ جي دماغ مان ٺڪاءَ نڪري ويا، اڄ ساگر کي ڇا ٿيو آهي. اوچتو سندس پيءُ جي شهادت وري ياد اچي وئي اٿس.“

”بابا ڇو اڄ تون ايترو جذباتي ٿي ويو آهين؟“

”امان بابا جو لاش جڏهن گهر پهتو تہ آئون ڇهين ڪلاس ۾ هيس مون کي سائين سارنگ ڪلاس مان وٺي موٽرسائيڪل تي گهر پهچايو هو ۽ وڏا دلاسا ڏنا هئا تہ ساگر پٽ متان ملول ٿئين شهيد سدائين زنده رهندا آهن،تنهنجو پيءُ هن وقت جو دودو، دريا خان آهي، پر وقت جي يزيد سان جهيڙيو آهي“ ”امان مون کي اهي جملا اڄ بہ ڇٽا ياد آهن پر بابا اسان کي اڪيلو ڇڏي ايڏو ڏور ڇو هليو ويو؟“

سوڍي ساڻي ٿي وئي، ڇا چئي لکمير جي زندگي قوم ۽ ڌرتيءَ لاءِ وقف ٿيل هئي، سندس ساٿ آزادي جي متوالن سان هو سندن سر ترڪيءَ تي رکيل هئا ۽ وقت جي ظالم حاڪمن پنهنجي تاريخ کي دهرايو پئي لکمير بہ تاريخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"امان فڪر نہ ڪر" آئون تنهنجو نالو روشن ڪندس نہ رڳو هن دنيا ۾ پر هُن دنيا ۾ بہ سرخرو ٿيڻو آهي. پهرين اسان تي خدا جا فرض آهن اهي اول پوءِ دنيا."

ماڻهس ڪيس چتائي ڏٺو تہ سندس اکين ۾ عجيب اڻ تڻ ۽ تڙپ هئي. يڪو ڳالهائي رهيو هو "ملڪ ۾ ڪفر وڌي ويو آهي ماڻهو اصلي راهہ ڇڏي دنيا جي ڏنڊن ۾ لڳي ويا آهن. پر امان اهڙا بہ ماڻهو آهن جيڪي خدا کي ميڃين ئي نٿا الاهي دهريا، ڪميونسٽ، ڪافر خبر ناهي ڇا ڇا ٿي ويا آهن. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ اسان صحيح دڳ وٺون."

"امان مون تہ ٻڌو آهي بابا ڪافر هو؟"

ماڻهس بي اختيار زوردار چماٽ وهائي ڪڍيس ۽ اکين ۾ تانڊا ٻري آيس. "هي ڇا ٿي ويو آهي توکي، ساگر تون ايترو بدتميز ٿي ويو آهين جو عظيم پيءُ کي ڪافر ٿو چئين."

ڪافي دير چپ ويٺا رهيا. سوڍي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي، صفا بي حال ٿي پئي ساگر اٿي ڪيس ڀاڪر پاتو "امان معاف ڪر، مون کي معاف ڪر تنهنجي دل رنجايم."

سوڍي مس مس چپ ٿي ڇوريا" ڪافر ڪنهن کي چئبو آهي، جيڪو ظالم هجي، خدا جي خلق لاءِ عذاب هجي، غريبن مسڪينن جا حق ڦٻائيندو هجي، آئون ايترو پڙهيل آهيان تہ خدا جي خلق سان ظلم ڪندڙ کي خدا ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندو بيگناهہ انسان جو رت وهائيندڙ پاڻ کي وڏا خدا وارا سمجهن ٿا. تنهنجي پيءُ تہ ماڪوڙي بہ نہ ماري سڄي زندگي غريبن جي آجپي لاءِ پاڻ پڙ پتوڙيندو رهيو سو ڪافر ۽ هي نام نهاد مجاهد جيڪي انسانن جو بي گناهہ رت وهائيندا وتن، وسنديون ويران ڪندا وتن اهي وري وڏا خدا وارا آهن؟"

ساگر ڇپ چاپ سندس چوٽ تي ليٽيو رهيو "ڪافر ڪير آهي؟" اهو سوال تون ڪنهن استاد ۽ عالم کان پڇ. ڪافر اهو آهي، جنهن جي دل ۾ خدا جي خلق لاءِ رحم نہ هجي، رت جو پياسو هجي، قاتل هجي" ايئن سورن جو سلسلو سوڍي لاءِ وڏي ڏک ۽ درد جو درياهہ بڻجي ڪيس وهمن ۽ وسوسن جي دنيا ۾ ٻوڙڻ لڳو ساگر گهر دير سان اچڻ لڳو ۽ پنهنجي خيالن ۾ گم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منھنجو سارنگ

هو منھنجي خواب جي تعبير آهي، مون هن کي ڄمڻ کان ايئن محسوس ڪيو آهي ته منھنجو تصور ته جيئن هڪ مثالي ڪردار جڙي ٿو منھنجو سارنگ بلڪل اهڙو ئي ٿئي. هُن ۾ ڪا اهري خوبي هجي خوشبو هجي جنهن سان دلين تي راڄ ڪري، سندس ڪردار اهڙو نرالو هجي جو منھنجي تخيل ۾ جڙيل خاڪو عملي شڪل وٺي پر جيئن اسان سوچيون ٿا ضروري ناهي ته سئو سيڪڙو ايئن ٿئي. هر انسان جا پنھنجا خواب آهن، احساس، سڌون آهن زندگي جا معيار پاڻ چونڊي، پر سارنگ سان مون کي انتها جي حد تائين محبت آهي ۽ سارنگ جي موٽ ان کان به اڳري رهي آهي. ٻالڪپڻي کان جواني تائين اسان جو دوستي جو رشتو رت جي رشتي کان وڌيڪ رهيو آهي.

جڏهن منھنجي حياتي موت ۽ زندگي جي وچ تي اٽڪي پيئي، ڏکيو آپريشن ٿيو اسپتال ۾ چرڻ پُرڻ جهڙو به نه هئس ته سارنگ منھنجو پيو وجود ٿي پيو اٿارڻ ويهارڻ خدمت ڪرڻ جڻ ٻار جي ماءُ سنڀال ڪري اهڙو سهارو جيئڻ جو سبب بڻيو.

ڳالهيون ڳڻجن ته ڳوٺيون پرجي وڃن، نيٺ سارنگ يونيورسٽي وسائي ته آئون ڪيس ڏاڍو پاڻ کان پري محسوس ڪرڻ لڳس، محبتن ۾ وڇوٽي پوڻ لڳي، منھنجي خواهش هئي ته هو سنڌي ادب ۾ ماسٽر ڪري اتفاق سان سندس چونڊ به سنڌيءَ جي مضمون ۾ ٿي.

اوچتو انڪشاف ٿيو ته سارنگ شاعري ڪرڻ لڳو آهي، چئو ڪٿي ته ٻڌائڻ کان پڙ ڪڏي پيهي رهي، وڏا وس ڪرڻا پون. اجائي زور پرڻ تي چوندو " يلا حسن درس جو نظم ٻڌو" منھنجو عقل حيران، حسن جي شاعري سڄي ياد. ڏکيا نظم، غزل سارنگ ايئن ٻڌائيندو جڻ سندس پنھنجي شاعري هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاش ائين ھجي ڪاش!" وري بہ مرڪڻ لڳو مون ڪيس ٽوڪيو "سپ روئڻ ڀيا تون مرڪين پيو؟" وچ ۾ پياري يار ابوبڪر چيو "اڙي چريا ماڻھو حسن صوفي ھو صوفي موت کي وصال چون ٿا. اسان صوفي روئندا نہ آھيون وصال جون واڌايون ڏيندا آھيون." مونکي اندر جي آنڌ مانڌ ۽ جذبا روئڻ کان روڪي نہ سگھيا.

وقت جي وير کي ڪير روڪي، ڏينھن ھفتا، مھينا نيٺ سال بہ ايندا پر ڪي ماڻھو دل ۾ ديرو ڄمائي ويھي رھن ٿا، وسرڻ جا ناھن.

ھفتي کان ايڏا مينھن سڄي سنڌ سمنڊ ستي پئي جيڏانھن ڏس چر ئي چر. مينھن اوڙڪون ڪري وسي رھيو ھو سارنگ مٿان اچي بيٺو چپ بيٺو رھيو نيٺ چوڻ لڳو "بابا پلا مون کان ناراض آھيو؟" مون بہ مرڪي چئي ڇڏيو "ھا ناراض آھيان" مرڪي پر وٺي ويٺو "ڇو پلا؟" تون بيڪار ٿي ويو آھين، توکان محبت موڪلائي ويئي آھي، آئون حسن جي وڇوڙي کي وساري نٿو سگھان پر تون شاعري سان ياري بہ ڇڏي ڏني آھي، تون تہ نادر جو ڏکو ٿي پيو آھين، رات ڏينھن گردش ۾ آھين، نہ سک نہ چين پر تنھنجي ذات کي زنگ لڳي ويو آھي.

ڪليو ۽ مخصوص انداز ۾ ڪرموڙي چوڻ لڳو "اوھان ڪيئن ٿا چئو مون شاعري ڇڏي ڏني آھي، شاعري ئي تہ منھنجي جيئڻ جو سبب آھي. شاعري ۾ حسن جي حُسن جو ھڳاءُ آھي. ان جي ڇڏيل امانت آھي، آئون حسن تہ نٿو ٿي سگھان پر سندس واٽ تي پير ڌرڻ بہ سندس سنت آھي ۽ اوھان سان وچن آھي اھو سڀُ سوريندو رھندس."

مون کي ڏاڍي سرھائي ٿي "نيڪ آھي ڪجھ ٻڌاءِ، تون ٻڌائڻ ۾ ھوندئن تہ ڪنجوس آھين." روايتي مرڪ مرڪندي سڌو ٿي ويٺو. "ھڪ غزل جون سٽون آھن:

اُيري اُيري ساٽو ٿي پيو
آخر سڄ پراٽو ٿي پيو
روز گھٽائن سان روئي ٿو
ھاءِ خدا پي ماڻھو ٿي پيو
اُپ اڳ ئي اوچڻ ھو

تنهنجو درد وچاڻو تي پيو.
هڪ پل لاءِ پوڏار ۾ اچي ويس، پيو ڪجهہ هڪ نظم آهي.
”آواگون“
جيون جر تي ڦوٽو ناهي،
مرجهائي پي مهڪي ٿو
ها هي جيون جهوٽو ناهي،
موت تہ بس هڪ موسم آهي،
جنهن تيز هوائن هينان،
تنهنجي منهنجي دل دٻجي ٿي،
آهي چمين جو رقص اهو ئي،
چپڙن جي صورت متجي ٿي،
ساڳيا لڙڪ سمندر وانگر،
لهر لهر کي ڳهر اها ئي،
ساڳيا ساحل جاڳيل هوندا،
چولين جي چڪتاڻ اها ئي،
ڪيئي مرجهايل ماڻهن جا،
ساکي جڙ تہ ستارا هوندا،
ساڳيا ساحل جاڳيل هوندا،
چولين جي چڪتاڻ اها ئي،
مون بي اختيار ڪيس پاڪر ۾ پري چڏيو سندس ڳل چميم تہ مهڪي پيو ڪافي چپ ڪانپوءُ چيم ”واه واه پرين واه. اج تولاءِ پيار جو سنڌو چوليون ٿو هٽي، اهو لمحو منهنجي زندگيءَ جي ميراث آهي، تمام زبردست پر سارنگ انبن جون سکون انبڙيون نتيون لاهن. حسن جي تون پاچي جهڙو بہ ناهين“ سارنگ جي منهن تي اها ئي ابدي مرڪ هئي.

❊❊

۸

# ننڍ نگر جي آس ۾

اسپتال جي هن جيل وارڊ ۾ ڪيس ڪيترو وقت ٿيو هو؟ سا ڪيس سُڌ نہ هئي پر جڏهن اک کلي هيس تہ ڇرڪي پيو هو" هاڻ آئون ڪٿي آهيان؟ ڇرڻ چاهيائين پر چوڪنيو لوهہ ٿيل هو هڪ ٽنگ تي پٽا ڏنل هئا ۽ ٽنگ کي ڪشي قابو ڪيو ويو هو. ڪين اڳيان سنگينن جو گهيرو ڏنائين تڏهن پڪ ٿيس تہ هو گرفتار ٿي چڪو آهي.

جڏهن ڳالهائڻ جهڙو ٿيو تہ سنتري اها اخبار اچي اڳيان رکيس جنهن جي مکيہ خبر جي هنن سٽن تي نظر ڄمي ويئي (ملڪ جو رهزن ڏاڙيل رحيم داد پوليس مقابلي ۾ گرفتار. سندس ٽي ساٿي مقابلي ۾ مارجي ويا) مقابلو مشهور هاءِ وي تي ڦر دوران ٿيو.

(پوليس سڄي رات جي خطرناڪ ويڙهاند بعد وحشي ڏاڙيل رحيم داد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ۽ سندس ٽي ساٿي ٿڏي تي ئي مارجي ويا.)

تہ پاڻ مرادو ٿهڪ ڇڏائجي ويو هئس" مقابلو هونءَ. مقابلو؟

انهيءَ ڏينهن جا اولڙا من منچ تي اُڀري آيس.

گهران نڪرڻ مهل سوڍيءَ جا ليلڙاٽ "بس گهٽو ئي ٿيو_ هاڻ ڇڏي ڏي انهن ڪفن کي پلا ڪهڙي کوٽ آهي؟ هي سون، هي مال ملڪيت پوءِ توکي ڪهڙي لوڙهہ پئي آهي؟"

سندس نڙي مان رڪجي رڪجي جملو نڪتو "بس هي آخري پيرو وچڻ ڏي پوءِ نہ ويندس" سوڍيءَ جي هنجن هاڻن نيڻن ۾ نهاريندي چيائين تہ. سوڍي تو مونتي جادو ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي دل رڪ مان پگهرجي ميڻ ٿي ويئي آهي. ڪيڏي مهل پاڻ کي زال جو مڄو محسوس ڪندو آهيان. تو اڳيان ايڏو تہ ڪمزور ٿي ويو آهيان. جو هي هٿيار منهنجي هٿن ۾ سونهن ئي نٿا_ منهنجي نالي وٽڻ تي پٽيون بہ ڪنبي وينديون آهن پر تو مونکي هيٺو

پيو_ سچ ايرڻ جو سعيو ڪيو هو." هلو چڙهو گاڏيءَ ۾ منحوسو_ ذليلو اڄ ڪانپوءِ پنهنجي ڪا بہ سنگت ڪانهي_ اوهانجي پنهنجي واٽ، منهنجي پنهنجي واٽ، بس هاڻي ڪو بہ ساٿ ڪونهي_

گاڏي جي ٽائرن مان ٽانڊا نڪرڻ لڳا" اوهين انتهائي ڪميڻا نڪتا_ حرام خور مون ڪيڏا بہ ڏوهہ ڪيا عورت ۽ ٻار تي هٿ نہ ڪنيم پيٽسان مردارو مونتي مس مولا مهر ڪئي_ اولاد ڏنو اوهان بيدردي سان وچ روڊ تي اڇلائي ڇڏيو بس راهون هاڻي جدا آهن"

سندس اندر مان اڳ_ الاءِ تي نڪتا، ويتر گاڏي جو ريس وڌي ويو اوچتو لاهي اچي وئي گاڏي جي ٻيڙي وچ سير تي ترندي ويئي_ ٻل سامهون وڏو موڙ اچي ويو سندس پير بريڪ بجاءِ ايڪسليٽر تي زور ڏيڻ لڳو سامهون جبل ڳرِ ڪنيو بيٺو هو_ ڌماڪو ٿيو پوءِ ڪيس ڪجهہ بہ ياد نہ رهيو هو.

وري اخبارن ۾ ڪٽي ساڳي خبر پڙهڻ لڳو " رهزن ڌاڙيل رحيم داد پوليس مقابلي ۾ گرفتار سندس ساٿي مقابلي ۾ مارجي ويا"

اڳتي پڙهڻ لڳو" ياد رهي تہ رحيم داد هڪ سئو کان وڌيڪ خوني وارداتن ۾ گهربل هيو مٿس 40 لک انعام رکيل هو" پنهنجي منهن ڀُڻڪڻ لڳو" خون؟"

بدن ساڻو ٿيڻ لڳس اکيون پوري ڇڏيائين دماغ ۾ عجيب خيال_ سوچون گهيري ويس_ سوڍي ڪيئن هوندي؟ ڇري تي پئي هوندي_ مون کان سواءِ مري ويندي_

ڪيئن گهاريندي حياتي؟

ننڍ نگر ۾ هليو ويو تہ سوڍي ڏيکائي ڏني_ تون اچي وئين_ مون ڪي پڪ هئي تون مونتي ايندين_ مون ڪيڏيون باسون باسيون، اڪا وڏا تنهنجي جدائي ۾_ مولا مرادون پڄايون تہ تو اچي اڱڻ اجاريو آهي_ ڏس سچو وايو منڊل ڀهڪي پيو آهي، خبر اٿئي تون پيءُ ٿيڻ وارو آهين_ آئون اميد سان آهيان. جلدي پنهنجي اڱڻ ۾ گل ٽڙندو خوشبو ٿيندي، ٻانهن ۾ ڪو نرم ڇهاءُ محسوس ڪيائين تہ ننڍ نگر مان حقيقي دنيا ۾ موٽي آيو ڏٺائين تہ نرس سندس ٻانهن جهلي انجيڪشن هڻڻ لاءِ تيار بيٺي هئي_ سچو بدن ڏڪرجي ويس وري خواب واديءَ جي آس لڳائي اکيون پوري ڇڏيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رات آهي اُماس

دير تائين ستو رهيو راتوڪي رهاڻ ۾ انگوري جي اثر ۾ نيڻن ۾ خمار هئس. جاڳ ٿيس تہ يارنهن وڄي چڪا هئا. ياد آيس تہ ڪيس پياري دوست فيروز جي طبيعت پڇڻ لاءِ وڃڻو آهي. گهر اڪيلو ئي تہ هو. چانهہ رکي تياري ۾ لڳي ويو. فيروز جي حادثي جو سوچي هڪ خوف محسوس ڪيائين. ايئن مئہ جي مستي ۾ ڪڏهن حياتيءَ تان هٿ ڌوئڻو پوندو. تيار ٿي ٻاهر نڪتو تہ ٻارنهن ٿي چڪا هئا. گاڏي روڊ تي آئي تہ ٿڌي هوا منهن تي سيپائي رهي هيس. عجيب سرور محسوس ڪري رهيو هو. بازار مان ڪجهہ ميوا، بسڪيٽ وٺي ڊڪي ۾ رکيائين. ياد آيس فيروز جي پسند جو سگريٽ ٻہ پيڪيٽ ۽ ڪجهہ ڪئسٽون وٺي واپس وريو. فيروز جي گهر سندس گهر جي ويجهو ئي تہ هو. ساڳي گهٽيءَ ۾ گاڏي بيهاريائين. ڪافي وقت بعد فيروز جي گهر آيو هو موقعو ئي نہ ملندو هئس، وقت جي تيز ڌارا ۾ سڀ رشتا ناتا لڙهي ٿا وڃن. بيل تي هٿ رکيائين، در کليو سامهون ٽينا بيٺي مرڪي رهي هئي، فيروز سان ملڻو آهي، هوءَ اندر هلي ويئي، ٿوري ئي دير ۾ مرڪون وکيريندي آجيان ڪيائين. ڀلي آيا، جي آيا، ادا اوهان جي انتظار ۾ آهي راول محسوس ڪيو تہ ٽينا اڳي جيئن ٻار نہ رهي آهي. جوڀن جي رت منجهس نکار آڻي ڇڏيو آهي، هلڻ ۾ هڪ نور ۽ چنچلتا اچي ويئي اٿس. فيروز جي ڪمري ۾ گهڙيو تہ فيروز روايتي ٺهڪ سان سندس استقبال ڪيو اٿڻ چاهيائين پر راول روڪي ڇڏيس. ٽنگ ٻانهن تي پٽو چڙهيل. بيڊ تي ليٽيو پيو هو. راول سندس پير ۾ ئي وينو هٿ هٿ ۾ وٺي زور ڏيڻ لڳس.

" ها فيروز سائين ڪيئن آهي طبيعت؟"

بس يار اهو حال تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ پهتا آهيون، ٻہ هفتا کن اسپتال ۾ هيس، ڪراچي جي اسپتال ايڏي گهٽ ٻوسٽ اُبس محسوس ٿي، هڪڙا سور

گهر پهچي سمهڻ جي ڪوشش ڪيائين. ننڊ جي ٻڪن ۾ هليو ويو. فون جي گهنٽي وڄي وڄي نيٺ ڪيس جاڳايو. آرس ڀڃي فون کنيائين "ڪير؟"

"يار ڏاڍو ٿڪل آهيان."

"ڇڱو ڀلا اڌ ڪلاڪ ۾ پهچان ٿو."

پوءِ سڄي رات ساڳيو حال موڪيءَ جا مٺ کلي پيا. مئي جي محفل ۾ اسر ويل اچي ڍهي پيو ته سار ئي نه رهيس. ٻنپهرن جو مسلسل بيل وڄڻ تي اکيون کليس ته وري بند ٿي ويس. نيٺ بيل جي آواز تي اٿي بيٺو. ٿاٻڙجندو در تائين پهتو. در کوليائين. اکين تي اعتبار نه اچيس. ڪا سراپا سونهن اندر گهڙي آئي. زبان ڪم ڪرڻ ڇڏي ويس. چپ چاپ اچي اندر ويٺا. ماٺ جو منظر پاڻ ئي ٽوڙيائين "ڀلا چانهه ته پيئندا؟"

"سياري ۾ چانهه ٺيڪ رهندي، پر اوهان جي گهر ۾ ڪير آهي به؟"

"نه آئون ئي ٺاهي ٿو وٺان. اسان نوڪر رکون ڪونه، بابا جهلي ڇڏيو آهي دير نه ٿيندي."

"ڇڱو ڇڏيو چانهه کي مون وٽ فروٽ آهي اهو ٿا کائون."

"نه نه چانهه ٺاهي ٿو وٺان." راول ڪچن ۾ گهڙيو ته ٽينا به پٺيان لڳي آيس. آئون ٿي ٺاهي وٺان." ۽ چڪ چڪان ۾ لڳي ويا. ٽينا سندس ٻانهن مروڙي چانهه ٺاهڻ لڳي. "ڪنڊ گهٽ وجهان، چون ٿا ته ڪنڊ ٿلهو ٿي ڪري." راول پريشان ڪجهه ڪرڻ جي سگهه وڃائي ويٺو ڀلا اچڻ ته خير سان ٿيو آهي."

"جو منهنجو اچڻ اوهان کي نه وڻيو؟"

"نه نه گهر اوهان جو پنهنجو آهي."

"توهان اڪيلا بور ٿا ٿيو؟"

"بور ته اهو ٿئي جيڪو جاڳندو هجي، گهر ۾ ته رڳو آرام ڪرڻ لاءِ ايندو آهيان نه ته رڳو ٻاهر."

"پر تڏهن ڪو ساٿ ۾ هجي نه."

"اجا وقت پيو آهي ڪو ساٿي ڳولهي وٺبو."

"عمر ڀر جو ساٿ يا پل اپل لاءِ..."

راول ٽاپڪ مٽائيندي "فيروز جي طبيعت ڪيئن آهي؟"

"بلڪل ٺيڪ ٺاڪ صبح جو مهمان پهچي ويا."

"ڪير هئا؟"

"ساڳيا ڪلهوڪا. پاڻ به ٿي ڀيون به."

راول اچي ڪمري ۾ ويٺو ڇا ڪجي؟

معاملو ڇا آهي، هي ته صفا ڳچيءَ ۾ پئجي ويئي. ٽينا چانهه ڪٽي سندس پر ۾ اچي ويٺي.

"هي ته ساڻي جي ڳولها جاري آهي؟"

"ها ڪڏهن نه ڪڏهن ته اهو ٿيڻو آهي."

"حجابي ڏاڍا آهيو اوهان کي ساڻي ملڻ ۾ ڪو وقت لڳندو؟"

"يلا منهنجو هتي هجڻ اوهان کي پسند نه آهي ڇا؟"

"نه اوهان لاءِ لک عزتون آهن."

ٽينا ويجهي ٿي سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليندي. هاڻي ايڏا معصوم به نه ٿيو. ڪلهه اوهان جي سموري ڪچهري ٻڌم پئي.

مون کي سڄي خبر آهي ڳالهيون لڪن ڪٿي ٿيون؟"

"اڇا ته منهنجو خدشو صحيح هو. دروازي جي ٻئي پاسي جيڪا هلچل هئي اها اوهان جي هئي."

"مون کي ادا جي هر ڳالهه جي پوري پوري خبر آهي. هن جي زندگي ڪليل ڪتاب وانگر آهي."

ٽينا ٻانهون سندس ڳچي ۾ وجهي جوٽ ٿي ليٽي پيئي، راول جو هيٺيون ساهه هيٺ، مٿيون ساهه مٿي.

"راول پليز هي جديد دور آهي. وقت جي تيز وهڪري ۾ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو. هي پل اسان جي وس آهن. نه ماڻڻ چريائي آهي. حياتي جوڙڻ ماڻڻ اسان جو حق آهي. آئون ڪليل دماغ جي ڇوڪري آهيان. فراخدل ٿيڻ گهرجي."

پر راول سموري سگهه گڏ ڪري اُڇل ڪاڏي ۽ ٽينا وڃي پٽ تي پيئي. سمورو ڪروڌ اکين ۾ پيرجي ويس. اُلا نڪرڻ لڳا سندس اکين مان.

"ٽينا ڀُلي آهين اسان انهن ماڻهن مان نه آهيون. ڪيڏا به ايڊوانس ٿيون پر انساني قدر جيڪي اسان کي سنا لڳن ٿا. وڏن جي ميراث آهن. انهن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معيار اسان وٽ ايترو بلند ۽ باوقار آهي جو دوست جي سُريت کي بہ بري اک سان نہ ڏسندا آهيون تون تہ منهنجي دوست جي پيرڻ آهين. ڏوهہ تنهنجو ناهي، تنهنجي تربيت ئي اهڙي ماحول ۾ ٿي. آهي. تنهنجي غلط پرورش توکي ڪيرائي وڌو آهي. توکي اهو احساس ڪيئن ٿيو تہ آئون توسان اهڙا واسطا رکي سگهندس. تون ڇا بہ هجين پر منهنجي ماءُ جي ٿيج ئي اهڙي هئي جنهن ۾ حيا جو احساس ۽ دوستن جي ننگن جي لڄ جي پرک ڪرڻ اسان جي بهترين روايت آهي. سنڌ جي انهي روايت کي مرڻ نہ ڏبو منهنجي پيرڻ ٽينا تو ٻڌي مون ٻڌي ڄڻ هڪ خواب هو. چپ چاپ پنهنجي گهر هلي وڃ. ڄڻ ڪجهہ ٿيو ئي ناهي، تنهنجي عزت انهيءَ ۾ آهي.مون کي وري ڏسين تہ فيروز سمجهي ڏسجانءِ."

ٽينا ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻ لڳي. ساٽا ساٽا قدم بدن مان ساهہ ڇڏائي ويو هئس. راول جي نيڻن مان احترام جي برکا برسي رهي هئي. ان جي سحر ٽينا جي وجود کي سموئي ڇڏيو هو. هوءَ ويچي رهي هئي، ڪو نئون احساس ڪٽي، ڪا جيءَ ۾ جوت جلائي وڌي رهي هئي.

**

# ڪينجهر هندورو ٿئي

. بس ٺٽي مان هلي، انتظار جون گھڙيون ختم ٿيون. سارنگ شوڪارو پريو دل جو سڀ بار ڇنڊيندي چيائين "ڪينجهر گھڻا ميل آهي؟"

"ڇيهه ڇٺن ميلن کان پوءِ ڪينجهر جو ڪنارو شروع ٿيندو"

سارنگ منهنجو دوست آهي اديب آهي، سکر کان ڪھي سنڌ جو هي ڇيڙو ڏسڻ آيو آهي. ڪينجهر ڏسڻ جو مڙيئي گھڻو شوق اٿس. بس ٺٽي جو تاريخي شهر ڇڏي 4 ميل مس ڪيا، ڇيليا چڙهي ته سامهون درياءَ مان ڪينجهر ڏسڻ ۾ پئي آئي. سارنگ کي اشارو ڪيم "سامهون ڏس" سارنگ جا نيڻ ڪينجهر جي نيري پاڻي ۾ کُپي ويا. بس ڪينجهر جو ڪنارو ڏيندي لاهيون چاڙهيون چڙهندي لهندي اچي هالايه اسٽاپ تي بيٺي. سامهون ڪينجهر جو نظارو ڏسي سارنگ ٽڙي پيو. چئي "پيلي واقعي ڪينجهر کي بهشت ڪري ڇڏيو اٿن. هي وڻ ٽڻ، ڇپرون، گل، بهارون لڳيون پيون آهن. لطيف به تڏهن چيو آهي.

"هيٺ جر، مٿي ميهر، پاسي ۾ وڻراهه، اچي وچي ۾ تماچي جي ساءُ، لڳي اتر واءُ ته ڪينجهر هندورو ٿئي."

سارنگ گِگ صاف ڪندي چيو "هيترين جڳهين، بنگلا ٺاهيا ويا آهن. ڀلا مقامي ماڻهن کي به فائدو ٿيو آهي يا نه؟" سندس ڏيان مهاڻن جي گھرن ڏانهن ڇڪائيندي چيم "مهاڻن جون لانڍيون سامهون آهن. هي جڳهيون بلڊنگون سندن کھڙي ڪم جون. هي جڳهيون صرف ڪجھ ڏينهن لاءِ آباد ٿينديون آهن. ماڻهن جو ٻار ٻچو ته ويجهو پاڻي وٺو به پري نٿو سگھي. هتي ڪراچي مان بسون، جيپون پرجي اينديون آهن، سي ئي مالڪ آهن انهن جا. سندن وندر لاءِ ئي ڪينجهر کي بهشت بڻايو ويو آهي."

چيائين "پوءِ ڪينجهر ته مورڳو ئي عذاب ٿيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم "ڪينجهر ۾ مڇي ماريندڙ مهاڻا غلامن واري زندگي گذاري رهيا آهن. ساري اونهائي ٽڙڳي جيڪي مڇي ڏيند آڌن سي به ڦرجيو وڃن."

هلندي هلندي اچي ڪينجهر هائوس پهتاسين. سدا ملوڪ عمارت جي لان ۾ ڇپر تي هلندي ڪينجهر تي ٽلندڙ گاليئي کي ڏسندي چيائين "يلا ايڏي محنت ڪري جيڪا مڇي آڻين سا ڪيئن ڦرجيو وڃين."

چيم "اهو هڪ وڏو داستان آهي، سڄو بيان ڪندس ته ڏينهن لڳي ويندا. ڪينجهر مهاڻن جي ملڪيت آهي پر ڦورو ٽولن مختلف چالاڪين ۽ مڪارين سان مهاڻن جو ڪاتو خاڪ ڪري ڇڏيو. جيڪا مڇي مارين تنهن مان چوٿون حصو ڦرجيو وڃين. باقي بچيل مڇي ۾ وري مقامي سفيد پوش اکيون وجهيو ويٺا آهن. جي مهاڻن جي غريبي مان فائدو وٺي ڪوڙا قرض لکيو اڌ موڙي ۾ ڪٽي وڃن. ويچارن مهاڻن کي اها ئي رلي ڪلهي تي ٽپڙ ٽوهر جي پاڙ ۾...." سارنگ جي نرڙ ۾ گهنج پئجي ويا. ڪينجهر هائوس جي بهشتي ماحول کي ڇڏي مهاڻن جي ڳوٺ ڏانهن وڌياسين. سارنگ چيو "مهاڻن ۾ ڪا سجاڳي آئي آهي." چيم "وقت به وقت گهوڙا گهوڙا ٿي آهي پر پاڻ تي نه پاڙڻ جي ڪري سندن محنت جو ڦل هٿي جا وڏيرا کايو وڃن."

سارنگ چيو "اهو ته سڄي سنڌ سان ويل آهي پر هي پنهنجن پيرن تي بيهن."سارنگ ڪنڌ هيٺ ڪري اڳيان اڳيان هلڻ لڳو. آءُ سندس پٺ وٺي اڳتي وڌيس_ پريرو هڪ هوڙهو اچي ڪپ کي ويجهو ٿيو هو. سارنگ وڪ وڌائيندي چيو" وڌ ڏسون مهاڻن گهٽي مڇي ماري آهي. ڪا پاڻ به وٺون."

هُڙهي وٽ پهتاسين، هڪ پير مرد گوڏ ۽ ڦاٽل قيص ۾ هُڙهي جو ڳن جهليو بيٺو هو. تيرهن چوڏهن سالن جو پٽي اگهاڙي ڇوڪر هوڙهي جي داوڻ پٽي کولي. ٽيون اڌڙوٽ همراهه چلي ۾ مڇيون وجهي رهيو هو. هوڙهو اچي ڪپ تي بيٺو ڇوڪر پڳاهه ڇڏيو.ٽيئي همراهه هيٺ لهي آيا ڏاڍو ڦرب سان مليا. ڪيڪار ڪان پوءِ سارنگ چين "پائو هڪ مڇي ڪپي."

مهاڻا چپ ٿي ويا. پوڙهي نماڻو ٿيندي چيو "ادا ڳالهه نه پڇ اسين ڪٽس رکوا ڪين ڏسون ٿا باقي ڏٽي پيا آهينس."

سارنگ چيو "بابا پئسا ٿا ڏيون ڏٽي ڪٽي ڪير به هجي."

پوڙهي مجبوري جو اظهار ڪندي چيو "بابا آن کي خبر ڪانهي. مڇي

رهيا هئا. [illegible] سنڌس ناسور کي جو [illegible] هو [illegible] پوڙهي چيو
”[illegible]“ [illegible] آهيون. [illegible] ناهي رات ورچ ۽
[illegible] ساڙنگ جذبات کي [illegible] ”ها بابا [illegible] اسين [illegible]
[illegible] ”[illegible] همراهه چيو ”[illegible] آهن [illegible]
[illegible] ۾ [illegible]“
[illegible] چيو، ”ها ها [illegible] آهي“ [illegible]
ساڙنگ جي [illegible] ٿي [illegible]

✽✽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مُڙسي

سج چڙهي مٿي آيو هو. اڃا نَو ڪِن مس ٿيا هوندا. ماستر رزاق ڇوڪرن کي صورتختي پٽي لکائي ته دادن شاهه جي ڪار اسڪول اڳيان اچي بيٺي. دادن شاهه ڪلاس جي دريءَ وٽ بيهندي رزاق کي حڪم ڪيو "ماستر! اهو روم ته خالي ڪرائي ڇورا ڪڍ ٻاهر." وري شاگردن کي مخاطب ٿيو "اڙي ڇورا! ڪڍو اهي ٽپڙ ٻاهر. پٽ جي پر ۾ ڪٽي رکو" شاگرد استاد ڏانهن ڏسڻ لڳا جيڪو ڪنڌ ڏاريو سوچ ۾ ٻڏو پيو هو. ايتري ۾ دادن شاهه رنڀ ڪئي "اي ماستر! ٻڌي ڪونه ٿو؟ ٻوڙو آهين ڇا؟ آءُ سمجهان ٿو ته نٽ بلٽ ڍرا ٿي ويا اٿئي." رزاق شاگردن کي چيو "ابا! اهي بينچون، ميزَ ۽ ڪرسي ڪڍو. هلو هلو دير نه ڪريو." شاباس دودا پٽ ميز کي هٿ وجهو خيال ڪريو پيچو نه ."

دادن شاهه ٿلهي پيٽ کي سيٽي، چيلهه تي هٿ رکي بيهي رهيو. ايتري ۾ ٽرڪ به اچي وئي. دادن شاهه مزدورن کي هڪل ڪئي "اڙي رمون!..... اڙي نالو ڇا اٿئي ڪمون وارو ڪريو ڇورن کي ٽپڙ ڪٽائي ونو." ڦٽا ڦٽ ڪلاس خالي ٿيو ۽ مزدور منجهس ياڻ جون ٻوريون سٽڻ لڳا. ماستر رزاق ڏانهن وات ڦري نهارڻ لڳو. ڪري ته ڇا ڪري؟ نوڪري جو ڪتڪو موچڙن جو ڊپ نيٺ رڙهي وڃي دادن شاهه کي پاسو ڏنائين "سائين قبلا! پوءِ اسڪول ڪيئن هلندو؟ پاسي واري ڪمري ۾ ته اڳئي مهمان رهندا آهن" دادن شاهه چڙپيندي چيس "تنهنجو ساهه ڇو ٿو منجهي؟ پڙهايو اکر به ڪونه رڳو نخرا ڪندا وتو. سڀ ٺيڪ ٿيندو رڳو بڪ بند ڪر. رزاق ڪٽي چپ ڪئي. دادن شاهه هن ڳوٺ جو زميندار آهي. ڳوٺ سندس ئي نالي سان سڏبو آهي. سڄي ڳوٺ جي گهرن ۾ سندس اڪيلو بنگلو جڻ تارن ۾ چنڊ هجي. ڪانئس سواءِ ڳوٺ ۾ ٻئي ڪنهن کي پنهنجو ايڏ ڪڙ زمين جو به ناهي. سڀ دادن شاهه جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاري آهن دادن شاهه هن سال ڳوٺ لاءِ اسڪول منظور ڪرايو سفارش سان حڪومت جي خرچ تي ٻن ڪمرن واري جڳهه تيار ڪرايائين. ماستر رزاق کي مقرر ڪيو ويو. ڳوٺ ۾ ٻار گهٽا هئا ڪوشش ڪري ٽيهارو کن ٻار گڏ ڪري پڙهائي شروع ڪيائين. خيال ڪيائين ته پنجاهه کن ٻار گڏ ڪري ٻيو استاد مقرر ڪرائجي ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن کي ڪچهرين ۾ سمجهائيندو هو ته جيئن ٻارن کي اسڪول موڪلين.

اهڙي طرح حاضري ۾ به هر ڏينهن واڌارو ٿيڻ لڳو. هڪ ڏينهن دادن شاهه، رزاق کي گهرائي چيو" ماستر! ڳالهه ٻڌ! مون سوچيو آهي ته شهر مان فيملي وٺي هتي اچان. باقي ڇوڪرا پيا اتي پڙهندا. نوڪر چاڪر پيا خدمت ڪندن. هتي هوندن به پڙهائي ۾ تڪليف ٿيندي. ها!سو ڳالهه پئي ڪيم ته پوءِ هن جاءِ ۾ مهمانن جو ترسڻ ٺيڪ نه ٿيندو. تنهنڪري اسڪول جو هڪ ڪمرو خالي ڪرائي ڇڏ. جيئن مهمان مڙو اتي اچيو ٽڪي. سمجهيئي!"

رزاق دل جهليندي عاجزانه نموني ۾ چيس " سائين! حاضري به وڌي پيئي. منهنجو خيال هو ته سراسري وڌي ته ٻيو استاد به وٺجي ته جيئن ڪم ۾ واڌارو اچي."

" ٺهيو ٺهيو....!! لڳو ته تون ئي ڪوڙ آهين. اهي ڇٽن جا پٽ پڙهيا. اسان مڙيئي پنهنجي ٺالي خاطر اسڪول کولرايو آهي. ٻيو انهن لنگورن کي ڪهڙي خبر علم جي؟ ابا ڏاڏا به ڊاڪٽر هئن. وڃ وڃ....!! اهو ڪم ڪر، آءُ اوطاق جو سامان موڪليان ٿو."

رزاق هليو ويو. سوچيائين، سندس پٽ شهر ۾ پيا پڙهن، باقي غريب جي ٻارن کي پڙهندو ڏسي، هي وڏا ماڻهو خار ٿا کائين. ها! ڇو جو هي پڙهي پيا ته هنن جي ڳچيءَ ۾ جهليندا. هي اسڪول ٺهيو ئي دادن شاهه جي اوطاق لاءِ آهي." رزاق شروع کان اهي ڳالهيون ڏسندو آيو آهي. هن جا خيال اڳيئي انهن ڳالهين کان باغي هئا. تنهنڪري سندس ڪچهري هميشه دادن شاهه جي بدران ڳوٺ جي غريب هارين سان ٿيندي هئي.

پوءِ اسڪول جو ٻيو روم ٿيو دادن شاهه جي اوطاق جي حوالي، ان ۾ اچيو دادن شاهه جا نوڪر چاڪر، مهمان مڙا ويهن. ڳپن ۾ پون نه بس گف پيئي رهندي ۽ شاهه جي ساراهه ۾ ڪيرا ٿي پوندا. وچان دري مان ايندڙ تيز آواز ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪاري جڳهه ڪان سڌ ڪن پنڌ تي پونگي تيار ٿي ويئي. منجهس ٽڏا ۽ ٽونٽريون وڃائي ڇڏيائون. رات جو ڪچهري لاءِ ۽ صبح جو اسڪول جي ڪم لاءِ.

دادن شاهه کي جڏهن خبر پيئي تڏهن باهه ٿي ويو. مدد خان ۽ نادر شاهه وارا ڏڙها هڻڻ لڳو. دودن جي ديس ۾ چنيسرن جي ڪاپه ڪوٽ ڪونهي. ڪمدار رمونءَ اهڙا ته ڪن پريس جو هٿن مان ٿي نڪتو. "انهيءَ ماستر جي هتان گهڙي هتان اُڪتي، پيڙسان ملڪ ۾ ڏڦيڙ ڪٽي مچايو اٿس. اڄ جو اڄ تو گهر جي ٽڪيٽ وٺايانس. ملڪ ٿي ٺري پوندو." ڪمدار ڏانهن منهن ڪندي" ڪمدار وڏا! ڪڏهن ڪو ائين به ٿيو آهي. ڪين جهڙن ماڻهن ۾ ڪتان آئي ٿوم جو منهنجي ڳالهه کي رد ڏين. ٽڪي وارو ماستر به درجا پڙهيو ته تيس مار خان ٿي ويو."

دادن شاهه واري ڪار سرڪاري اسڪول وٽ اچي بيٺي. ڪار مان به سوٽن بوٽن وارا همراهه لٿا. بندوبست اڳ ۾ ٿي ٿيل هو. راتو رات دادن شاهه ٻئي روم خالي ڪرائي ڇڏيا هئا. هنن بينچون وجهرائي ڇڏيون هيون. ڊرامو مڪمل ٿي رهيو هو. آفيسر جيئن ئي اندر گهڙيا ته ڪلاس خالي ڏسي باهه ٿي ويا. سڌا وڃي ڪار ۾ چڙهيا. رزاق کي ڪنهن ڳوٺاڻي وڃي ٻڌايو. جيستائين رزاق پهچي. تنهن کان اڳي، دادن شاهه حقيقت کي لڪائڻ خاطر، ڪار کي سٺ تي رکي هليو ويو. رزاق سمجهي ويو ته ڪو ممڻ ضرور مچندو. ٻئي ڏينهن سويري آفيس جو رخ ڪيائين. آفيس پهتو خبر پيس ته کيس صاحب وڏي نوڪري مان خارج ڪري ڇڏيو آهي. سبب پڇڻ تي معلوم ٿيس ته ڳوٺ جي چڱي مڙس سندس خلاف درخواست ڪئي آهي ته ماستر جي چال چلت ٺيڪ نه آهي. ڳوٺ ۾ رهائڻ جهڙو نه آهي. تازو ڪمدار رمونءَ جي پٽ کي به خراب نيت سان اسڪول ۾ گهرايائين. جنهن پوءِ دانهون ڪري جند ڇڏائي. تنهنڪري جلد انڪوائري ڪري مٿس قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. صاحب وڏو انڪوائري ڪرڻ ويو ته اسڪول خالي ڏٺائين ۽ پوءِ اهو حڪم ٿيو.

رزاق موٽي ڳوٺ آيو. دادن شاهه جي دلالن کان سواءِ ٻيا سڀ ڳوٺاڻا گڏ ٿيا. ڪين سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. جنهن تي ٻڌي ته ڏندين آڱريون اچيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويس. نوجوان جذباتي ٿي ويا. ڪو چوي” ميان! دادن شاهہ تہ ليڪو لنگهي ويو . هي ڪٿي جو انصاف آهي.“ ٻيو چوي ” لعنت تہ رمونءَ ڪي هجي جنهن پنهنجي عزت ٽڪي جهڙي ڪرائي پر مسڪين ماستر کي بہ خوار ڪيائين.“ ڪو چوي ” وڏيرا ڪيڏا نہ ذليل آهن.“ رمضان هڪل ڪئي ” ٺهيو ٺلهين ڳالهين مان ڪجهہ ڪو نہ ورندو هاڻ ڪا مڙسي ڪريو نہ تہ سڀني سان اها حالت ٿيندي“

سڄي رات ڪچهري هلي. ڏکيون ڏکيون خبرون هليون. رزاق بہ ڪچهري ۾ شامل ٿي ڪين سهڻي نموني سمجهاڻيون ڏئي رهيو هو. ٻئي ڏينهن شام جو شهر مان ايندڙ آخري بس مان پنجاهہ کن ڳوٺاڻا لٿا. سڀني جي منهن تي مرڪ هئي. ماستر رزاق جي هٿ ۾ نوڪري جي بحاليءَ جو آرڊر هو. ” ابا خير ٿيو؟“ انتظار ۾ بيٺل همراهن مان ڪنهن پڇيو ” ها ادا، اڄ تہ خير ٿيو پر اهو ڇيهہ ڪونهي، هي ظالم ڀاڙ مسڪينن تي ور ور ڏيئي حملا ڪندا پر جي پنهنجي ڏاڍي اتحاد مضبوط آهي تہ پوءِ ڪير بہ پنهنجو وارو وانگو ڪري ڪو نہ سگهندو.“ ماستر جواب ڏنو.

❊❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ساهن جي سُرهاڻ

اج آئون ڏاڍو اُپاٽڪو هيس، توسان ورهين جو وڇوڙو ڏاڍو ڏکوئيندڙ لڳو. پوءِ حيلا هلايم تہ توسان ميلاپ ٿئي.“

” ورهين جو وڇوڙو بہ تنهنجي ڪري آهي. تون زندگي جي هڻ هٽان ۾ ايڏو ورتل آهين جو مون ڏانهن اک کڻڻ جي تو وٽ مهلت ڪانهي.“

” تنهنجي ڳالهہ ٺيڪ آهي. زندگي هاڻي وڏيڪ ڳنڀير ٿي پئي آهي. ڪيئي خفا آهن، جن ڳچي ۾ سِرڪڻ وڏيڪ سوڙهي ڪري ڇڏي آهي. پر توسان ناتو ڇنڻ ناممڪن آهي. دير سوير توسان پريت جو پلئہ ٿڻ نہ ڏيندو آهيان.“

” اسان جي محبتن جي وري ساڳي ڪينجهر آهي. ملڻ جو ماڳ ۽ درد ونڊڻ جو آستان. مون تي هي ماحول نشو طاري ڪري ڇڏي ٿو.“

” ڪينجهر تي اچي ڪڏهن محسوس ڪندو آهيان سڄي دنيا جا خفا پٺتي اُڇلائي معصوم ٻار وانگر ماءُ جي هنج ۾ اچي ويو آهيان ۽ پوءِ تنهنجي تانگهہ ڏاڍو تنگ ڪندي آهي.“

” مونکي بہ تو سواءِ سارو جيون تندور لڳندو آهي.“

” دوست پهرين سٽ ۾ پُڇندا آهن تہ لکڻ ڇڏي ڏنو اٿئي ڇا؟ چوندو آهيان لکڻ منهنجي عادت آهي پر وقت ونگ وجهي ڇڏيا آهن.“

”تو وٽ لکڻ لاءِ مواد تہ ڪوڙ آهي.“

” ايترو جو لکان تہ لکي نہ سگهان. تنهنجو ساٿ آهي تہ لکڻ جو اُتساهہ اڇاڳ سمنڊ وانگي ڇوليون هڻندو رهي ٿو. رڳو هن ڪينجهر کي ڏسان ٿو تہ ڳچ ڳري ٿا پون. ملڪ جي مشهور سياح ۽ قلم ڌڻي لکيو تہ ڪينجهر دنيا جي نيري پاڻي جي تمام وڏي ۽ خوبصورت ڍنڍ آهي پر ڪانئرن ڪني ڪئي آهي ” اج ڪينجهر جا وارث نوريءَ جي ناز ۽ نوڙت جي علامت مهاڻا ٻکن ۾ تا رهن“ مفاد پرستن سازش وسيلي ڪينجهر جي مڇي جو تخم ڪيائي ڇڏيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سور پيو هوندس، سو جلدي ڪٽائي واس“ ٻيا: ”پوءِ ڪاڻ ڪي ڇيلا سڌ ڪو نہ ڪيائون“ منوچيو ”ٻيلي سار پئي ڪا نہ. مٿان گهڻو بيمار ڇي پيو هجي، سو جلدي ڪٽائي وياس “

صبح ٿيو پڪي پڪڻ آڪيرا ڇڏي گذر لاءِ نڪتا. ڏڻ پهري پيا. ساڳيو وايو منڊل مال جهنگ ڏانهن وڌندو ويو. ٻڪرين جا پير مٿر جي ٿائرن کي ڏاهيندا ويا. ڏنار ٻاڻ ۾ هڪٻئي کي جوڻ لڳا. ”ٻيلي جيلاني ڪا ڪاني هياس، نہ تہ مان واريءَ پسنيءَ وچ خبر ڪو نہ هو“ ٻيو: ”ٻيلي مان واريءَ ريديءَ کي ٻہ هير ٻہ ڳانيون ٿاهي ٻڏيون آهين. نانگو هٿ ۾ ان کي وجهي ها ڪمال دروءَ هڪ ياسي ڪري ”ٻيلي ممڻ ڪو مڃندو “دروڻ“ هنو اٿا هئو. ڪهڙي خبر ڪير هئا پوءِ ٻي جيڪو ڇندو ان کي ڏسنداسين راڄن کي بہ تہ خبر پئي.“

ڪمال ويڙهہ تہ هوئڻ ٿي آهي، پوءِ ڏڃون وري ڇيلا؟ جيڪي ڇندو مڙس ٿي منهن ڏيوس ‘

# مڙواڇي ماڳ تي

ننڍڙو ڳوٺ. ڇوڏاري ٽڪريون، وچ ۾ ويهارو کن پونگا. پٿر ۽ مٽيءَ جا ڪچا گهر. ايرندي طرف وڏو ڪٽڪ جو ڪٽ پرين پر پر ۾ انهن جي ڪپ تي وڏي جبل تي وينو آهيان ته سڄو قسم جو نظارو چٽو پڌرو ڏسجي. ڳوٺ ۽ انهن جي وچ تي ڪٽڪ جو فصل واهه جو ڊڙو پيو ڏئي. چوڌاري پري پري تائين نظر وڃي رڍن، ٻڪرين ۽ ڳئن تي پئي تي. ڏنار ڏڻ ڪاهيندا سينڊيون هڻندا، مال چاريندا ڦيرائيندا ويجها ايندا وڃن. ڏکڻ طرف پري کان سنڌ جي تاريخي ڍنڍ ڪينجهر جو ڇيڇ جي ڏسڻ ۾ پئي اچي. اتر طرف جبلن جي ورن وڪڙن سان ريل گاڏيون سيٽيون وڄائينديون مال ناهيندي ماڳ ڏانهن وڌندي وڃي. ٺليل هوا. عجيب نظا؛ من ۾ سريلا ترنگ پيا وڃن. دل جهومڻ ۽ جهونگارڻ پئي چاهي. عاطف ۽ ٻارن لاءِ ڪوٽ قبولا. جبل جهاڳيا عمر جي ٻخمان ۽ ٻنگان ڪي پنهنجي ملڪ ملير جي مٽيءَ تي نه سينو

سڄا ٻه سال شهر جي دونهاتيل ٻوساتيل ماحول ۾ گهارڻ بعد اڄ موقعو مليو هو ڏيهه جا ذوئي ڏسي دل ۾ ماريءَ جا سدا ملوڪ سخت ۽ لطيف ڌا لکي ٻول هينئن ني هري آيم.

جيئن ڳنڍيون مسجهه ڳنڍير
تيئن مون من ماروئڙن سان
ڏنيون لس لطيف چئي
هينئڙي ڪي هير
وڃي مسجهه ملير
سپ جوڙيندا سين جيئرا

ڏينهن وريام تپڙ ڪنيا ان رات سانوڻ چوري ڪٽي ويو.

منهنجو وات ڦاٽي ويو مون ڪيس حيرت ۾ ڏسندي چيو ته ”ڪيئن تو پانئين مڙس جون منزلون“ رڳو شهر جا شرف ڪرتا ڪونهي؟“

چيم ”پلا ڪو ڪيس ڦڏو؟“

سنگهار پنهنجي مزاحيه انداز ۾ چيو ”بيلي وڏيري ڏينهن رات هڪ ڪري چڏيو ڏراڙ سچو ته ڪراڙ تي ڪير پياري ڪالهه چوري ڪورٽ ۾ بيان ڏيئي ڪارو منهن ڪري چڏيس نپ ئي نري ويس. سانوڻ سڏو سنئون نڪاح وجهي اچي گهر پيڙو ٿيو پيو؟ اج مڙيئي ياجائي جي پير نه چڏي سگهيو نه ته هتي ڏسينس ها. مون چيو ”بيلي وڏيرو ماٺ نه ڪندو ڪڏهن نه ڪڏهن سانوڻ کي ڦاسائڻ لاءِ سنڊ سدييندو هوندو.“

سيني چيو ”ها ادا ها مڙيئي خبر آهي. پيٽا بيجڙو ٿيو آهي. رڪاوٽ شاهد آهي. پڳ لٿيس. هاڻ به ٿيندس ڪيائين ته سڀ راج گڏ آهيون. سانوڻ ننڌڻڪو ڪونهي. سڀ ساٿ ۾ آهيونس سنگت تان سر به قربان. وڙهون وڙهون مدد ڪنداسين. پڇيومان”اوهان سانوڻ جي ڪار سار لڌي؟ چيائون سنگت تان سر به قربان. اسين سڀ هڪبئي جي گڏجي مدد نه ڪنداسين ته پوءِ وڏيرو زور وٺي ويندو.

**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سور ۽ پور

”ابا پٽھين ٻن ڏينھن جو مھمان اٿيئي.....ڊاڪٽر (ڊاڪٽر) ونئي اڄ نہ تہ ماڻھو نڪ وڍيندئي.... ٻچندو ھونئن ئي ڪو نہ. پر راڄ ۾ منھن ڪڻڻ جھڙا تہ ٿيون!

ماڻھس جا چيل جملا گھڙيءَ گھڙيءَ سندس ذھن تي مترڪن جيان لڳي رھيا ھئا. جيترو وڌيڪ تي سوچيائين، اوترو وڌيڪ پيڙاءَ جي گونا گون غار ۾ غرق ٿيندو تي ويو. جيئن گھر ويجھو ٿيندو ويو تيئن سندس قدم ڍرا ٿيندا ويا. ھر قدم کڻڻ وقت ايئن محسوس ڪيائين ڄڻ سوين مڻ بار لڏيل اٿس ۽ دريا جي ڏيڻ مان لنگھي رھيو آھي.

چائنٽ تي پير رکندي ماڻھس جو درد ڀريو آواز ڪن تي پيس ”ابا! داڪتر (ڊاڪٽر) آندئي. “ سندس نماڻا نيڻ ھيٺ جھڪي پيا منجھائن ٻہ ڦڙا ڳڙي پيا. ڪتولي تي پيل ھڏن جي پڃري ڏانھن ڏسندي سندس نرڙ تي گھنج وڌي ڪگھر ٿي ويا. سندس نظرون پٽھس جي ڪمزور، ڏٻل منھن، ھڏن ۽ چمڙي ۾ اٽڪي ڍانچي کي گھوري رھيون ھيون. ماڻھس نيڻن مان ئي سمجھي ويئي.

انور جي پگھار 270 رپيا. گھر ۾ اٺ ڀاتي کائڻ وارا. ڪمائڻ وارو اڪيلو مڻ اٽو 180 رپيا. ھڪ مڻ چانور 60 رپيا. کنڊ چانھہ 25 رپيا. گيھہ گھٽ استعمال ڪرڻ سان بہ 15 رپيا. مصالحو 22 رپيا. ٻوڙ ٻاڙي ڪا پگھار تي ونن، نہ تہ مرچن تي گذران. ڪپڙو لٽو تنھن ڪانسواءِ وري جو مٿان پٽھس جي بيماري، تنھن ھيڪاري وڌيڪ پريشان ڪيس. قرض پڪا ڪٽي پٽھس جي ڪيائين پر پٽھس ڏينھون ڏينھن گھٽ، وڌيڪ پئسا ھجن جو علاج بہ ٿئي، مائٽ بہ ڏکي ٽائيم ويجھا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿا اچن، جيڪو پچڻ اچي سو ٻين وڏيڪ ڇهڪ ڇڪايو ڇڏي، ڪو چوي "مِيان پٽ پيٽسان صلاح ڪو نہ ٿيس، علاج نٿو ڪرائيس" ڪا پوڙهي ڪٽ جي پاسي ۾ ويهي چوندي "ادي زمانو ڦري ويو آهي، پٽ ماستر آهيس پر پيءُ جي آهيس ئي ڪا نہ. مائي نو ويها پڳهار آهي تہ بہ ڪين جو ڪنو چڙهيو پيو آهي"

ڪالهہ چاچهينس آيو چيائين اي ڇورا انوَ هن مڙهہ کي ڪٺي ڪنهن اسپتال پيڙو ڪريو پيٽان پنگيا هڏ ڪائي هاڻ پچوس بہ ڪو نہ ٿا، آءُ گهر چاچهين کي چيو ٿو وڃان، 50 رپيا وٺي وڃجان، مڇيندا تہ ڪو نہ......"چاچهنس هوائي گولا ڇڏي هليو ويو. گهران پئسا گهرڻ تي انور کي چاچهينس. چي "مٺا ڏندين ڏاند ڪرين گابا، اڃا بہ اسان تي لڏ لاهيو وينا آهيو هيل بہ واپار مان آيا ئي ٽيهارو هزار ٻني بہ ڇهن ڪرارن ڪان ڪا نہ چڙهي، مال مان بہ وڃي پنجاهي ڪن مينهن جي ٻچي آهي، اڃا بہ ٽورا ٽيا ٻيٺا آهن."

چاچهنس ۽ پٺهس جي گڏيل ملڪيت مان چاچهنس پٺهس کي ٻج بہ ڪو نہ ڏنو اڪيون پوري سپ ڦٻائي ويو. پٺهس هو وڏي دل وارو مڙس، تنهن ڪٺي دل تي پٿر ٻڌو مِٽ بہ ماٺ، مُٺي بہ ماٺ. مزدوريون ڪيائين، رُکي سکي ڪائي پيٽ گذر ڪيائين. نيٺ اچي گوڏا کوڙيائين" جهونا ٿيا جهاز سٽ نہ جهلين سڙهہ جي"انور بہ پڙهي وڃي نوڪري کي لڳو پر ايڏي ڪٽنب کي ڪيئن منهن ڏئي، هيڪاري جو پٺهس جي بيماري ۽ مهانگائي، تنهن نهوڙي وڌس.صبح جو اٿي شهر روانو ٿيو رستي ۾ عجيب سوچون، عجيب خيال، سندس ذهن کي گهيري ويا. رستي تي پنج پيسي پيل ڏسي وڏي اتساهہ سان ڪٺي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيئين. پڳهار..... پڳهار کي اڃا 9 ڏينهن تمام گهڻو عرصو آهي، وري ماٺهس جو چيل جملو دل ۾ چُڀي ويس "ابا پٺهين ڏينهن ٻن جو مهمان اٿيئي."شهر ويجهو ايندو وڃي، درد جي پيڙا وڌندي وڃي، پئسا ڪونهن تہ ڊاڪٽر ڪٿان هلندو مون وٽ تہ ڀڳهيءَ جو ڀاڙو بہ ڪونهي، ڀڳهيءَ وارو شايد احوال ٻڌي اوڌر تي هلڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ها ڊاڪٽر..... ڊاڪٽر کي بہ چئي تہ ڏسان....!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن رسالي ۾ مستقبل جي ڊاڪٽر جو انٽرويو پڙهيو هئائين، نوجوان "ڊاڪٽري پڙهڻ جو مقصد ٻڌائيندي فخر سان چيو هو تہ " ڊاڪٽري پڙهي قوم جي غريب ماڻهن جي خدمت ڪرڻ هر ڊاڪٽر جو فرض آهي" پر هن کي اڄ تائين اهڙو ڪو بہ ڊاڪٽر نہ مليو آهي، سندس قدم سرڪاري اسپتال ڏانهن وڌن ٿا، وراندي ۾ هلندي سندس نظر هڪ تختي تي ڄمي وڃي ٿي.

" ڊاڪٽر سيد غريب نواز شاهہ ايم. بي.بي ايس"

شايد اهو ڊاڪٽر عوام جو خادم هجي. اندر گهڙي سلام ورائي ٿو. " ابا ويهہ" ڊاڪٽر ڳوري آواز ۾ چيس. ٿورو ترسي سندس جائزو وٺندي سوال ڪيائين، ڪهڙي تڪليف آهي توکي؟"

" سائين آءُ بلڪل ٺيڪ آهيان، پر پنهنجي پوڙهي پيءُ جي حالت نازڪ آهي، تڪليف ڪري ٿورو ٽائيم مون سان گڏجي هلو...." يڪي ساهي ۾ چئي ويو. انور ڳالهائيندو رهيو ڊاڪٽر گهوريندو رهيس "پر سائين....." اوچتو ڪيسي جو خيال ٿئيس.

"ڊاڪٽر، ها چپ ڇو ٿي وئين."

انور ڏڪندڙ آواز ۾ آهستي ڳالهائڻ شروع ڪيو" سائين نهايت شرمندگي سان عرض ڪرڻو ٿو پوي تہ آءُ غريب ماستر آهيان، مهيني جي پڇاڙي آهي، اوهان مهرباني ڪري هلو اوهان جي في اوهان کي پگهار تي ڏيندس. بس مهرباني ڪريو." ڊاڪٽر جي ٽهڪ سندس جملي کي ڪٽي ڇڏيو "ها ها ها، عجيب قسم جو ماڻهو آهين. اڙي پوڪا! هي ڪو سيٺ تلو مل جو دڪان آهي؟ بابا 50 رپيا منهنجي في آهي، علاج تنهن ڪانسواءِ اسين ڪلاڪ سيڙائي هلون، سو بہ اوڌر تي، دماغ ٺيڪ ڪر، ماڻ ڪري وڃي تعويذ وغيره ڪراءِ علاج تنهنجي وس کان ٻاهر آهي" ڊاڪٽر جي هر لفظ انور جي من اندر مانداڻ مچائي ڇڏيو هو اڄ سندس طبيعت عجيب تي پئي هئي، اسپتال مان ٻاهر نڪتو تہ قدم وڏيڪ ڳرا ٿي پيس سندس سنڌ سنڌ سائو ٿي ويو هو. من ۾ مونجهہ وڌي ويس، سوچي ٿو ڊاڪٽر جي في پنجاهہ رپيا، مطلب تہ پنج هزار پئسا، جيڪڏهن انهن پئسن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳيان ٻڙيون ڪيڏي ڇڏجن تہ پوءِ صرف پنج پئسہ انساني زندگيءَ ڪان ٿن ٻُڙين کي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو ڪنهن ڏاهي جي تخليق ۾ پڙهيو هئائين تہ "جنهن سماج ۾ نظام ۾ ذاتي ملڪيت جو تصور هوندو اهو سماج ماڻهن جي گهڻائي لاءِ خطرناڪ هوندو آهي" بلڪل صحيح آهي. انهيءَ ذاتي ناڻي جي ڪري ئي هڪڙا مظلوم تہ ٻيا ظالم، هڪڙا حاڪم تہ ٻيا محڪوم، هاري زميندار، مزدور، ڪارخانيدار مختلف طبقا انهي ڪري ئي ٺهن ٿا، ظالم طبقا، مظلوم طبقي جو استحصال ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪثر نٿا ڇڏين.

انور شام تائين ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کي منٿون ڪيون. پراڻن کڏڻين کان اُڌار گهريائين پر ڪيسي ۾صرف پنج پئسا موجود هئس. مسلسل سوچ ۽ ويچار ڪري سندس مٿو سور کان ڦاٽڻ لڳو. هڪ دڪاندار کان اسپرو جي گوري وٺي سندس دريءَ تي پنج پئسہ رکيائين. دڪاندار وڌيڪ هڪ پئسي جي گهر ڪئي انور منهن جي پڪائي سان جواب ڏنو. "سيٺ ڪليو ڪونهي" دڪاندار پوٺ سچائي ماٺ ڪري رهيو. انور مايوس ٿي ڳوٺ موٽيو سوچ جا سلسلا ڊگها ٿي ويا "امان کي ڪهڙو جواب ڏيندس؟ ڇا اها ويڌن صرف مون سان آهي؟...... نہ..... اهڙو سماج جنهن ۾ ناڻو صرف چند هٿن ۾ هجي. ان ۾ مون جهڙا هزارين لکين انسان. ان پيڙا جي سمنڊ ۾ ٻڏندا ترندا رهن ٿا. ڪيترين زندگين جو خاتمو بنا علاج جي ٿئي ٿو ڪيتريون جوانيون برباد ٿين ٿيون. پوءِ ڇا ڪجي؟ ڪا واٽ.... ڪو علاج؟ جيڪڏهن اهي هزارين لکين ماڻهو گڏجي پون. پنهنجي لاءِ جدوجهد ڪن تہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو ڇُري بہ ڪو نہ سگهن. پر ايئن ٿي سگهي ٿو؟.... اهي سڀ ماڻهو سجاڳ ٿي سگهن ٿا؟.... ها....بلڪل ٿي سگهن ٿا. مثال آهن. ٻين هنڌن تي بہ ايئن ٿيو آهي. چين ۾ بہ. ويٽنام ۾ هينئر تازو انگولا، موزمبيق، گني بسائو ۾ ٻين مظلوم قومن. اتي جي ظالم طبقن ۾ ڦورو سامراجي ٽولن جي الآيل سماج کي ڪيئن ڊاهي پٽ ڪيو آهي. اهي بہ اسان جهڙا ماڻهو آهن" انور کي انهن قومن جي جدوجهد بابت پڙهيل ڪتاب مائوزي تنگ، هوچي منھ جي آتم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کهاڻي، ويتنامي انقلاب، جي ماريا نہ موت وغيره فلم جيان اڳيان ڦرڻ لڳا. هن سوچيو ”اسان کي انهن کان سبق سکڻ گهرجي. ها...... هاڻي آئون بہ انهن خيالن جا ساٿي ڳولهيندس، ساٿن گڏجي هن مظلوم قوم کي احساس ڏياري کين جدوجهد لاءِ تيار ڪندس.

”پر بابا جو ڇا ٿيندو؟ زندگيءَ جي سڳن جا ڌاڳا ڪچا آهن، پر اڪيلو بابا بنا علاج ڪو نہ پيو مري، ڪئين پيءُ آهن جيڪي بنا علاج جي تڙپي مري رهيا آهن. ڪئين پينرون ڀائرن لاءِ سڪن ٿيون، ڪيترين ونين جا ور جيلن ۾ آهن. ڪيتريون نياڻيون ننگن کان محروم آهن. ڪيترا ٻار بکئي پيٽ. اَن جي داڻي لاءِ واجهائيندا آهن.

آءُ اڪيلو ان سور جي سوليءَ تي لٽڪيل نہ آهيان. مون کي انهن سيني لاءِ سوچڻ گهرجي. قرباني ڏيڻ گهرجي. ظالم سماج خلاف، هن ڦورو نظام خلاف.“

گهر جي ويجهو ايندي روئڻ جا آواز ڪن تي پونس ٿا. اڱڻ تي اوڙي پاڙي جون عورتون اچي گڏ ٿيون هيون. سامهون ماڻهس، ڪتولي تي پيل پڻهس جي لاش وٽ. مٺو رڪي روئي رهي هئي، ٻہ ڀيا ننڍا وڏا ٻار ڪيڏي روئي رهيا هئا.

انور جي اکين ۾ لڙڪن جي بجاءِ لالاڻ هئي، سوچيائين پئي، مستقبل جي لاءِ، سڄي قوم جي مستقبل جي لاءِ....

**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" جمود تباهي آهي، تسلسل، چرپر زندگي جي علامت آهي، ان ڪري اسانکي تاريخ جي تسلسل کي بہ برقرار رکڻ گهرجي، نہ تہ جمود ڳڙڪائي ويندو تاريخ کي."

" اڄ بہ ڪئين مثال آهن، هن جاءِ تي، اڃا ڪالهوڻي ڪالهہ هڪ نوجوان ناري جوڙ جيس نہ ملڻ ڪري آپگهات ڪيو تہ سندس پياري ساهيڙي سنگ نڀائيندي پيار جو انوکو مثال قائم ڪندي ساڻس گڏ ڪينجهر حوالي ٿي ويئي، سوين ماڻهن ٻنهي ساهيڙين جا لا ڪينجهر جي ڇولين ۾ چلندا ڏٺا ۽ ٻئي ٻڪين پيل هي اسٿ جو ياري جو تمام نرالو مثال آهي پر اسان و لطيف واري اڪ ناهي."

" پيار جو عجيب مثال آهي، پيار ۾ جنس جو قيد ناهي هڪ ناريءَ جو هڪ ٻي ناريءَ سان پيار ۾ سِر ڏيڻ چريائي جي حد تائين دليري آهي."

" پيار ۾ غم رڳو متپيد جو ڪو قيد ناهي، سرمد شهيد ٺٽي جي هڪ ڇوڪر جي محبت ۾ منڊجي ويو ۽ ديوانو ٿي ويو."

" ماڻهو جو من جتي اڇي ٻيهي، ڪو ملڪيت ۽ مال سان پيار ٿو ڪري، ڪي ماڻهو پنهنجي ڌرتي سان عشق ڪندا آهن. اڄ بہ اسان وٽ ڪئين مثال ملندا. ڌرتي سان عشق سپني عشقن کان مهانگو عشق آهي."

("ڪينجهر ڪناري" ڪهاڻي تان ورتل ٽڪرو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book